# عبدالحڪيم ارشد جي
# شاعريءَ جي لغت

مرتب:

**مير محمد پيرزادو**


## سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2021ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيارا داري جي آن لائين ايڊيشن جو ڪتاب نمبر 5

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# عبدالحڪيم ارشد جي شاعريءَ جي لغت


مرتب: مير محمد پيرزادو

آن لائين پهريون ڇاپو : 2021ع

ڪتابي صورت: محمد رمضان ترڪ

**Catalogue Reference**
Pirzado, Meer Muhammad
Dictionary of Poetry of Abdul Hakeem Arshad
Sindhi Language
Dictionary
Sindhi Language Authority
ISBN:

DICTIONARY OF POETRY OF ABDUL HAKEEM ARSHAD
By: Meer Muhammad Pirzado
Online 1st Edition: 2021
Layout: Muhammad Ramzan Turk
Tel: 022-9240050,51,53
E-mail: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org

## ناشر طرفان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڪتابن کي ويب سائيٽ تي آن لائين ڪرڻ واري رٿا جو هي پنجون ڪتاب 'عبدالحڪيم ارشد جي شاعريءَ جي لغت' تيار ڪري، آن لائين ڪيو پيو وڃي. عبدالحڪيم ارشد، پنهنجي دور جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ وچولي ۽ ساهتي پرڳڻي جو لهجو نمايان آهي. عبدالحڪيم ارشد جي شاعريءَ ۾ رومانويت سان گڏ روشن خيالي ۽ ترقي پسندي گڏ گڏ نظر اچي ٿي. مثال طور سندس رومانوي گيت 'چوري چوري ڪوئي ڪنهن سان نيڻ ملائي ويٺو آ' ۽ 'چرپٽ' سندس مشهور رومانوي ۽ مزاحمتي شعرن ۾ شمار ٿين ٿا. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ جن نون، ڏکين ۽ اڻ ڇهيل اصطلاحن جو استعمال ڪيو آهي، سائين مير محمد پيرزادي انهن جي لغت تيار ڪري اداري جي حوالي ڪئي هئي، جيڪا اوهان آڏو پيش ڪندي آءٌ خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان.

ڪتابن کي آن لائين ڪرڻ سان دنيا جي مختلف حصن ۾ رهندڙ انهن ماڻهن لاءِ سهولت پيدا ڪئي وئي آهي، جيڪي سنڌي ٻولي پڙهي سگهن ٿا. هن کان اڳ آن لائين ڪتابن جي رٿا جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڏاريجي جو ڪتاب 'اسان جي صحت اسان جو ماحول'، اياز پاتوليءَ جو ٻارن لاءِ آکاڻين جو ڪتاب 'ڪراڙ جا ڪنول'، 'آٿر ناٿن شاهيءَ جي شاعريءَ جي لغت' ۽ 'شمشيرالحيدريءَ جي شاعريءَجي لغت' به اداري جي ويب سائيٽ تي رکيا ويا آهن، جن کي گهڻو پسند ڪيو ويو آهي.

هيءَ لغت اصل ۾ ’جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغتن‘ واري رٿا جو حصو آهي. جديد شاعرن جي شاعريءَ جي لغتن جا ڇهه کن ٻيا جُلد به آن لائين رٿا هيٺ ويب سائيٽ تي ٽڪڙو ٽڪڙو رکيا ويندا. هن رٿا مطابق مختلف لغتون ۽ ٻيا ڪتاب به اداري جي ويب سائيٽ تي آن لائين ڪيا ويندا، جيڪي پڙهندڙن لاءِ مفت ۾ دستياب هوندا. اهي ڪتاب بنا ڪنهن معاوضي ۽ اجازت جي ڊائون لوڊ ڪري ۽ استعمال ۾ آڻي سگهبا. هن ڳالهه جي به پذرائي ڪجي ٿي ته انهن آن لائين ڇاپن مان پنهنجي تحقيق ۽ تحرير لاءِ جيڪڏهن ڪي حوالا کڻبا ته انهن حوالن ۾ مرتب ۽ هن اداري جو ذڪر ڪرڻ ضروري هوندو.

اسان کي اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا هن رٿا مان ڀرپور لاڀ پرائيندا ۽ جيڪي سجڻ آن لائين ڪتابن جي سلسلي ۾ ڪي پنهنجون صلاحون ڏيڻ چاهين ته انهن کي ڀليڪار ڪيو ويندو.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**
**چيئرمئن**

20 نومبر، 2021ع
**حيدرآباد، سنڌ**

**آبرو:** عزت، وقار

زور جا زنجير، پڙهيل سنڌ ڌرتي ماءُ تي،
هن وطن جي آبروءَ تان سر ڪٽائيندا هلو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:88)

**آبرو لٽجڻ:** عزت ڊانوانڊول ٿيڻ

وطن جي هتي آبرو پيئي لٽجي،
ٿو ڌرتيءَ جي پچڙن سان چا چا نہ ٿئي!

(ڏيئا ڏات جا: 94)

**آب حيات:** امر حياتي ڏيندڙ پاڻي، اهو پاڻي جيڪو پيئندڙ ڪڏهن بہ مري نہ سگهي.

منهنجي هٿ ۾ آ پريل آبِ حيات،
جنهن بہ پيتو جام وحدت جو پري
سو هميشه لئہ امر ٿي آ ويو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 191)

**آبياري:** پالنا

جنهن چمن جي آبياري مون ڪئي
اڄ انهيءَ تي منهنجو پنهنجو وس نہ آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 170)

**آتش فشاهي:** باهہ اوڳاڇڻ، ڊل جي پڙاس جو شدت وارو اظهار

مون لکڻ چاهيو قلم مان خونُ اڄ ٽپڪي پيو
جي ڪڇڻ چاهيم زبان اڄ آتش فشا تي آهہ ڪئي

(ڏيئا ڏات ج: 431)

**آتشين طوفان:** باهہ جو طوفانُ

ديش ڏي هڪ آتشين طوفان پيو وڌندو اچي،
سرخ شعلن، لال چٽنگن سان پيو وڌندو اچي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:119)

**آپ گهات:** خودڪشي، آتم هتيا

جن نہ سمجهيو زندگيءَ جو فلسفو
زندگي تن لاءِ آهي آپ گهات!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:173)

**آچپو:** ڇوٽڪارو، آزادي

سنڌ جا او نوجوان! هت آڻجي ڪو انقلاب
آچپي جا گونججن اعلان پنهنجي شهر ۾!

(آچپي جو گيت جهڙي شاعري: 67)

**آڌار:** آسرا، سهارا

بي انت بحر جي ڇولين ۾، هن دل نہ اجا پي ساٿ ڇڏيو.
هت پير ۽ عضوا ڌار ٿيا، آڌار بدلجي آهن ويا!

(ڏيئا ڏات جا: 29)

**آرام جان:** جسماني سڪون

مان تہ آهيان قيدياڻي، پر لڳي توکي ڪٿان
تنهنجو اي صياد! ڇو آرام جان لٽجي ويو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:95)

**آرزو:** خواهش، چاهنا

هڪ دفعي مون سان ملڻ جي آرزو هُئي هن ڪئي،
سا بہ پوري ڪا نہ ٿي!

(ڏيئا ڏات جا:97)

**آزارڻي:** ڏُکوئڻ

هن دل تي اوهان جا گهاوَ سهي، مون عمر گذاري ارشد آ،
تہ بہ روح نہ ڪنهن جو رنجايم، مون دل نہ ڪنهن جي آزاري آ!

(ڏيئا ڏات جا:24)

**آسُين آرسر پڳو:** اميد جو ڪرڻو، آس واري جاڳڻ

سالن کان پوءِ آسن آرس پڳو!

(ڏيئا ڏات جا: 105)

**آسيس:** خوشي، آشيرواد

فطرت جو هيءُ آهه نظام،

مينهوڳيءَ جي موسم ايندي

ڌرتيءَ کي آسيس آهلندي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:139)

**آشا جا ديپ:** اُميدن ۽ آسن جا ڏيئا

آشا جا ويا ديپ اجهامي،

ارمانن کي باهه لڳي وي!

(ڏيئا ڏات جا: 94)

**آشڪارا:** ظاهر ظهور، چٽا ، نشانبر

اڄ وري تاريخ دهرائي ٿي پنهنجو پاڻ کي،

اڄ اڇا ڪارا سڀئي آشڪارا ٿي ويا!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:90)

**آشنا:** واقف، ڄاڻو

درد احساس جي لذت کان آشنا ماڻهون،

ڄڻ تہ ڌرتيءَ تي بڻيو آهه خدا ماڻهون!

(ڏيئا ڏات جا:60)

**آشيان:** گهر، بينڪ، رهائش، آکيرو.

پر وڏيا، وڏ جي زبان وئي، آشيان لٽجي ويو،

ڇا چوان مون لاءِ ڄڻ سارو جهان لٽجي ويو!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:95)

**آغاز:** شروعات

اسان جي عشق جو آغاز لڙڪن سان ئي ٿيو آهي،
خبر ناهي تہ ڪيئن ٿيندو سندس انجام اي ساقي!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:98)

**آفتاب:** سج

رات جي تار ڍڪين ۾ خون جا ٻاريون چراغ،
جيستائين صبح آزادي جو اُڀري آفتاب!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:118)

**آمر:** ڊڪٽيٽر، مطلق العنان، ڏاڍ ڪندڙ ظالم

هر آمر سان مان اُلجهيو هان، مون ويڙهہ ڪئي آ ويرين سان،
مون ڪوٽ قهر جو ڪيرايو، مون ڏاڍ جو ڏونگر ڏاريو آ!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:68)

**آمريت:** طلق العناني، بي انصافي، ڏاڍ، جبر

جا حڪومت آمريت تي رکي پنهنجو مدار،
منهنجي دل ۾ سخت نفرت آهہ ان سرڪار لاءِ!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:92)

**آهہ:** دانهن، ڪوڪ، رڙ، صدا

عرش تائين آهہ منهنجي دل سندي پهچي وئي،
لڙڪ نيڻن مان جي ٽپڪيا، چنڊ تارا ٿي ويا!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:90)

**ابتو واءُ لڳڻ:** ناساز گا ماحول بنجڻ

هو ڪنهن گل تي آهہ اداسي، هر ڪا مکڙي ڪومايل
باغ سڄي تي پينگ وسي ٿي، اهڙو ابتو واءُ گهاريو

(ڏيئا ڏات جا: 42)

**ابراهيم:** حضرت ابراهيم عليه السلام، پيغمبر.

مان رسول پاڪ جو ادنيٰ غلام اسان دعا دائود جي،
آس ابراهيم جي، مون محبت آهه عيسيٰ کان سکي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 183)

**اڀ:** آسمان

هونئن ته ارض ۾ اڀ جون، ڏاڙون هت هٽن،
نڳيا ملڪ نڳن، سچا ناهن سنڌ سان،

(ڏيئا ڏات جا: 129)

**اڀر ٻاٽ گهمڻ:** فخريه انداز ۾ هلڻ، بنا ڪنهن ڊپ ڊاوَ ۾ خوف جي گهمڻ

سچائيءَ جي راهن تي اي دوستو،
هلڻ تا گهرو جي، اُڀي ٻاٽ هلجو!

(ڏيئا ڏات جا: 39)

**اٿلون ڪائڻ:** ٻاهر نڪري ظاهر ٿيڻ جا جتن ڪرڻ

منهنجي دل جي گهراين ۾ گيت سُريلو ڦٿڪيو ٿي،
اٿلون ڪائي نيٺ اندر مان، منهنجي چپ تي آيو آ!

(ڏيئا ڏات جا: 39)

**اجرو:** صاف، شفاف، ڏوئي صاف ڪيل

صاف ۽ شفاف، اجرا دل جا آئينا ٿيا
سن جو پاڻي ٿو پياريان منهنجي پياري سنڌڙي،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:66)

**اُجرو:** صاف سترو، سهڻو سنو

ماڪيءَ کان ٻيي منڙو گي!
ماڪ ڦڙن کان اجرو گيت!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 162)

**اُجڙي:** تباهہ ٿيل، درهم برهم ٿيل

ڪجهہ لٽڪ ملائي نيڻن جا، ڪجهہ پنهنجي دل جو رت وجهي،
اي ڌرتي ماتا تنهن اُجڙيل سينڌ کي مون سينگاريو آ!

(آجپو: 82)

**اجل جو سڏ:** آهہ وبڪا: دانهن ڪوڪ، حق ڦر جي وچن وقت ٿيندڙ حالت.

اجا عرش لوڏي سگهي ڪين شايد،
ڏکيءَ دل جي آهہ وبڪا يا خدا!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:74)

**اجل جو سڏ:** ابدي جياپو: امرتا، وسيع تر حياتي

پنهنجي ابدي جياپي جا اهڃاڻ اٿئي
جياپي خاطر ڪڏهن موت جو پيالو پيٽو پوي ٿو!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:160)

**اجل جو سڏ:** موت، پڄاڻي

توکي مون کي مرڻو آهي، سڏ اجل جو پرڻو آهي،
ڪم جو ارشد ڪرڻو آهي، هيءُ وقت نہ موٽي ملڻو آهي!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:78)

**اجنبي:** اوپرو، اڻ واقف

جنهن وطن ۾ منهنجون ست پيڙهيون رهيون،
آءٌ ان ۾ اجنبي، هاءِ منهنجي بيوسي!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:170)

**اختيار:** حق، وس

جگر جو رت ڏئي جن ڪئي هئي تعمير گلشن جي،
چمن تي ناهہ تن جو وس نہ ڪوئي اختيار آهي!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:86)

**اخلاص:** خلوص، اخلاق، مروت

هي وفا، اخلاص، الفت جي زمين،
هيءَ ڌرتي پيار جي، سنڌ جنت سونهن ۽ سهڪار جي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 170)

**اڌمو:** احساس ، جذبو، تانگهه

هٿ لڙڪن تي پيي بندش آ،
هر اڌمو اندر گهٽجي ويو!

(ڏيئا ڏات جا:58)

**اڏي:** اُها ڪاٺ جي ٻُنڊي جنهن تي ڪاٺ جي ڏڪ سان وهبويا وڍيو آهي

اڏيءَ تي رکي سرُ ڪٽائي ڇڏيم،
وفا کي نڪاٽي لڳائي ڇڏيم!

(ڏيئا ڏات جا:45)

**ارادا:** عملي سوچ، خيال

حالات جا پاڇا هر شيءَ تي، افطار بدلجي آهن ويا،
مضبوط ارادا پٿر ڪان، لاچار بدلجي آهن ويا!

(ڏيئا ڏات جا: 29)

**ارڏائي:** بي واجبي، ڏاڍائي، ڪئونس، هجت

اجا هيئن سان ڪن ڏاڍا ٿا ڏاڍايون ۽ ارڏايون!
اجا محنت ڪشن تي هٽ سوار سرمائيدار آهي!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:81)

**ارض:** ڌرتي، زمين

هونئن ارض ۽ اپ جون ڊاڙون هٽ هٽڻ،
نڳيا ملڪ نڳن، سچا ناهن سڌ سان!

(ڏيئا ڏات جا:129)

**ازلي سونهن:** پيدائشي حسن، قدرت طرفان مليل فطري سونهن

جنهن مان جيڪو سچ ازلي سونهن پسي،
موت نہ ان کي مات ڪندو، جُڳُ جُڳُ جَڳَ ۾ جيئندو رهندو!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:176)

**استبداد:** بي انصافي، ڏاڍ، ظلم، ڦرلٽ.

مون ڪئي نفرت جبر ۽ انڌير، استبداد سان،
قتل و غارت ظلم ۽ بيداد جي بازار ڪان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:91)

**استعارو:** اصل شيءِ کي لڪائي، ٻيءَ شيءِ جي اوٽ ۾ پيش ڪرڻ.

تمثيل، علامت، استعاري جو خول ڏَڪي
انقلابي گيت لکي ٿوا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:147)

**استغفار:** توبہ تائب، پڇتاءُ

ڏينهن جو هي مصروف توبہ، دعا ۽ استغفار ۾،
رات جو چا چا ٿا ڪن الله جا بندا اي دوست!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 122)

**استقلال:** شان شوڪت

قوم جو ايثار هي استقلال هي عزم يقين،
هر قدم تي ٿي رهيو آ، اجه وفا جو امتحان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 144)

**اسرائيل:** يهودين جو فلسطين تي ڪيل قبضو

سنڌ، اسرائيل بنبي پئي وجي،
پنهنجو آئيندو فلسطين کان بہ بہ ترئو 3 شان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:171)

**اطاعت:** تعبيداري، پيروي

وطن سان محبت هي ايڪو اطاعت،
لڳاتار صحبت، هي شورش هي هلچل!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 135)

**اغيار:** دشمن

مصيبت ۾ تي يار، اغيار ويا،
ڪئي جن تي دعويٰ جدا تي ويا!

(ڏيئا ذات جا:51)

**افڪار:** فڪر جو جمع يعني سوچڻ جا زاويا

حالات جا پاڇا هر شيءِ تي، افڪار بدلجي آهن ويا،
مضبوط ارادا پٿر ڪان، لاچار بدلجي آهن ويا!

(ڏيئا ذات جا:29)

**افلاس:** بک، فاقہ ڪشي، غربت

هيءُ بکون، افلاس، غربت ڪيستائين؟ حاڪمو!
ڇا غريبن لاءِ سي قانون ڪارا ٿي ويا!

(آجپو:90)

**اک جو تارو:** انتهائي پيارو هئڻ (اصطلاح)

تون ساھہ آن سنڌوءَ ها تاجو
تون ماءُ جي اک جو تارو آن!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:162)

**اک ڦڙڪڻ:** ڪنهن جي ياد اچڻ جو اُهڃاڻ

ڪنهن کي وينو سارين ارشد، ڪنهن جي آئي توکي ياد!
دل ٿي ڌڙڪي، اک ٿي ڦڙڪي، لڙڪ اکين مان ٽپڪي پيا!

(ڏيئا ذات جا:33)

**اڪيون واٽ تي وڇائي ويهڻ:** شديد انتظار واري ڪيفيت

لنوين وينو ڪانءُ، اچڻا آهن اڄ پرين،
ويٺي آهيان واٽ تي، اکيون وڇائي آءٌ
وري منهنجو هانءُ، ماندو آ محبوب لاءِ!

(ڏيئا ڏات جا:130)

**اگهامي وڃڻ:** قبول ٿي وڃڻ، وڪرو ٿي وڃڻ، منظور ٿي وڃڻ.

موت جو تو لئہ گيت لکيو
سو گيت اگهامي آھہ ويو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 162)

**اگهور:** تمام گهري، شديد

پوئين پهَرات جو ڪيڏي ننڊ اگهور،
گهر ۾ گهڙيا چور، ياڳيا يَنگُون پي ستا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:195)

**الم:** ڏک، سور

هر قسم جو غم الم ۽ درد، دک سهڻو پيو
زندگي هڪ زهر هئي، سو زهر ييي پيٽو پيو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:80)

**المناڪ:** ڏکوئيندڙ درد ناڪ

اهو روپ تاريخ جو
شرم ناڪ ييي آ، المناڪ ييي آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:180)

**امين:** شاهد، امانت سنڀالي رکندڙ منصف

مان شري ڪرشن ۽ گوتم جي صپيتا جو امين!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:198)

**انت:** پڇاڙي

سونهن اوهان جي انت نہ ڇيهہ!
نيهن نسورو منهنجي ذات!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 99)

**انجام:** واعدو، پڇاڙي، خاتمو

چنگيز، هلاڪو، هٽلر ۽ ايوب جو ڇا انجام ٿيو،
تاريخ ۾ پنهنجي حشر تي پڇي تو سوچيو آ، ويچارو آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:68)

**انداز:** نمونا

بدذوقن جي هن بستيءَ مان، ساچاهہ سڃاڻپ نڪري وئي،
انداز بہ بدلجي آهن ويا، معيار بلدجي آهن ويا!

(ڏيئا ذات جا:29)

**اندوهڪاري:** بک، بدحالي، اونداهي، ناانصافي

اميرن جي جهان ۾ روشني ئي روشني آهي،
غريبن جي دنيا ۾ چؤطرف اندوهڪاري آهي،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 125)

**انڌا ڇهڙا:** ڇهڙو سچ جي روشني برداشت نہ ڪري سگهي،ڏينهن جو نہ ڏسندو آهہ پر رات جو ڏسندو آهہ

انڌا ڇهڙا، اُپ جهپٽين جهٽ هٽن،
موڙها ڏين، ڏاهپ گهاٽي پيڙجي!

(ڏيئا ذات جا:129)

**انگاس:** علم، ڦاسي گهات

قدم قدم تي نئون انگاس
محرومين جو ئي احساس.

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:155)

**انياءُ:** ناانصافي، ڏاڍ، ظلم

درد جي وستيءَ ۾ ڳالهيون درد جون پيون ڇيڙجن،
ظالم جا، انياءَ جا عنوان پنهنجي شهر ۾!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:67)

**اٽر:** ضدي، جيڪو پنهنجي ڳالهه تان ڪڏهن به نه هٽي

سخت تر ماحول ۾ پيي عزم اٽر ئي رهيو،
ڪير پيي ان جي ارادي کي نه بدلائي سگهيو.

(ڏيئا ڏات جا: 119)

**اڻ موٽ:** ميدان ملهائيندڙ

ڏاري وجهندڙ ڏاڍ کي، ڪيرائيندا ڪوٽ،
اصلئون اڻ موٽ، سورهيه منهنجي سنڌ جا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:197)

**اٽانگهيون:** ڏکيون، ڪٺن

جيون جي اٽانگهين راهن تي، اوراهه مسافر ڇانوَ نه ڳول،
هر وک تي ڏک جو ڏونگر آ، ڏرتي ٽامو واري آ!

(ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان:24)

**اهتمام:** بندوبست، سديو،

رات کي باقي رکڻ جو پورو ڪيو اهتمام،
هاڪ کي قائم رکڻ جو پورو ڪيو انتظام!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:214)

**اهلِ بزم:** شريڪ محفل

بند ڪر ارشد تون پنهنجو داستان دِلخواش،
هاڻ اهلِ بزم جو هش وڏيان لتجي ويو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:95)

**اهلِ جنون:** جذباتي ماڻهون

محبت ازل کان ئي رهي هيءَ آ دنيا دشمن،
سدا اهلِ جنون جو ٿيو آ قتلِ عام اي ساٿي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 96)

**اهنسا:** عدمِ تشدد

صلحہ ڪُلُ جو آءٌ قائل، مان اهنسا جي علامت، آءٌ ويري ڏاڍ جو، مان سراپا خير هان، مان سراپا خير هان، هر ڏڪاريل روح کي سامهون ئي آڏي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:190)

**ايوب:** فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جيڪو مارشل لا لڳائي ملڪ جو صدر بڻيو.

چنگيز، هلاڪو، هٽلر ۽ ايوب جو ڇا انجام ٿيو؟
تاريخ ۾ پنهنجي حشر تي پِي تو سوچيو آ، ويچاريو آ،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 63)

**اضطراب:** خون، حراس، تجُسُس

ڪيستائين غم الم ۾ ئي گذاريندئو پلا؟
ڪيستائين نيٺ رهندئو مُبتلا ۽ اضطراب؟!

(آجپو:117)

**اُف نہ ڪرڻ:** آهہ وزاريءَ کان پاسو ڪرڻ

ڏکڻ ۾ ڏرن تہ بہ ڪڏهن اُف نہ ڪن،
حياتيءَ جي گهاٽي ۾ ٿا پيڙجن!

(ڏيئا ذات جا: 45)

**افق:** صبح ويلي سج اڀرڻ کان ٿورو اڳي وارو نظارو

هاڻ ڪٽيو هي ڪاريون راتيون، پرهہ-ڦٽي جهاتيون پاتيون،
ڏور افق تي اميدن جو ڳڙيو هڪڙو ڪرڻو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 78)

**اقراري:** قبولدار

هن عزم جو مان اقرتاري هان
تون بيشڪ مون تي ڪات وهاءِ!

(ڏيئا ڏات جا: 60)

**اڪرئين:** سنڌ ۾ اڳي ساريون نڪر جي اڪرين ۾ ڪاٺ جي مهرين سان ڏڪ هڻي چڙيون ويندڙيون هيون.

مُهرين هيٺ هڻان ٿيا، اڪرئين جيءُ جهرڻ
ڌرتيءَ جي دودن، آڻ نه مڃي ڪڏهين!

(ڏيئا ڏات جا:128)

**الجهڻ:** اٽڪي پوڻ، مخالفت ڪرڻ، جهيڙو اٽڪائڻ

هر آ هر سان مان الجهيو هان، مون ويڙهه ڪئي آ ويرين سان
مون ڪوٽ قهر جو ڪيرايو هو ڏاڍ جو ڏونگر ڏاريو آ!

(آڇپي جي گيت جهڙي شاعري: 68)

**الفت:** محبت

هي وفا، اخلاص، الفت جي زمين
هيءَ ڌرتي پيار جي، سنڌ جنت سونهن ۽ سهڪار!

(آڇپي جي گيت جهڙي شاعري: 170)

**الهام:** خدائي پيغام

اسين پنهنجي تخليق جا پاڻ موجد،
اسان جا غزل، گيت الهام آهن!

(ڏيئا ڏات جا:118)

**امنگ:** جذبا

عضون اندر چچريل روح،
روح ۾ رتو چاڻ اهنگ!

(آڇپي جي گيت جهڙي شاعري: 174)

**انتظام:** تياري، ضابطو

رات کي باقي رکڻ جو پرو ڪيو اهتمام،
هاڪ کي قائم رکڻ جو پور ڪيو انتظام.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:214)

**انتقام:** پلاند

هي مزدور، هاري، هي پورهيت عام،
غريبن جو تن کان وٺو انتقام.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:123)

**انجيل:** حضرت عيسيٰ عليه السلام تي لٿل آسماني ڪتاب

مان دنيا لئہ ويد ۽ قرآن جو سنديس هان،
روح مان توريت جو، منهنجو من چڻ آ زبور،
پيار جو انجيل آهي، منهنجي جوين جو ڪتاب

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:180)

**انسانيت:** ماڻهوپو

اڙي موت! مهنجو آ مقصد عظيم،
مان انسانيت لئہ جيئڻ ٿو گهران!

(ڏيئا ڏات جا: 117)

**انقلاب:** معاشي تبديلي

خبر ناهہ ايندو ڪڏهن انقلاب؟
اسان ظلم ڪيڏا سٺ يا خدا!

(آجپو: 74)

**اوچتيون:** بنا توقع، خيال جي ابتڙ، اچانڪ

هن جي اڄ مهراڻ اُٿلون ڪاڏيون اوچتيون،
جروهي پيو اکين مان ڪنهن پرديسيءَ ڪاڻ،
پرين اچي پاڻ، ڏيندو ڏڌ ڏيل کي!

(ڏيئا ڏات جا:131)

**اوڙاھہ:** اونھون ۾ خطرناڪ فرق ڪندڙ پاٽي

اوڙاھہ ۾ مون کي ڏئي ڏِڪو،
اڪيلو ڇڏي ۾ ناتو ڇني وئي!

(ڏيئا ڏات جا:111)

**اوسر:** واڌ ويجھہ

انسانيت جي اوسر لاءِ امير جي ٿوٽ زمين کي ڪڏھين ڪڏھين،
پاڻ ھڏن جو رت ڦڙن جو ريج ڪپي ٿو!

(آجپي جي گيت جھڙي شاعري: 160)

**اوکو:** ڏکيو، اَويڙو

ڪيڏو اوکو وقت اچي ويو، دوست بہ دشمن بنجي ويا،
پنھنجن مون سان وير وڏو آ، ڌارين کي ڇا ڏوھہ ڏيان!

(ڏيئا ڏات جا: 30)

**اوڳاڇڻ:** باھہ ڪيڻ، جذبات مان ڳالهائڻ

آڳ اوڳاڇڻ راڳ اسان جا، بستيءَ بقستيءَ باھہ لڳي،
منھنجي دل جا تاندا آخر پنيٽ بنجي پڙڪي پيا!

(ڏيئا ڏات جا:33)

**ايثار:** قرباني

قوم جو ايثار، استقلال ھيءُ عزم يقين،
ھر قدم تي ٿي رھيو آ اج وفا جو امتحان!

(آجپي جي گيت جھڙي شاعري: 144)

**ايڪو:** ٻڌي

وطن سان محبت، ھي ايڪو اطاعت،
لڳاتار محبت، ھي شورش ھي ھلچل!

(آجپي جي گيت جھڙي شاعري: 185)

**ايڪتا:** هيڪڙوائي، احديت، ٻڏي

پيار جا پيغام مون وٽ، ايڪتا جون آيتون
منهنجي پيشانيءَ تي گيتا آ لکيل!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**باضمير:** اصول تي قائم

غريب آهه ڇا ٿيو هو آ با ضمير،
ڏسي ڏاڍ ارشد جهڪايو نه سِرا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 85)

**ٻٽائي:** پوک تيار ٿي ان جُڙندو آ ته وڏيرو اچي ۽ هاريءَ جي قرض، پاڻن پتن جا قرض لاهي آئي پيارپندو آهي، ان کي ٻٽائي چئبو آهي.

مون ٿي هي ڪمائي اَنُ ڪيو،
ٻٽائيءَ جا مالڪ ٻيا، يا خدا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 74)

**بحر:** پاڻيءَ جو وسيع مجموعو

بي انت بحر جي ڇولين ۾ هن دل نه اچا پيي ساٿ ڏيو
هٿ، پير ۽ عضوا ڏار ٿيا، آڏار بدلجي آهن ويا!

(ڏيئا ڏا جا: 29)

**بدذوق:** جنهن کي ڪوه ذوق نه هجي، بي خير، خراب شوق وارو.

بي ذوقن جي هن بستيءَ مان، ساڄاهه سڃاڻپ نڪري وئي،
انداز بدلجي آهن ويا، معيار بدلجي آهن ويا!

(ڏيئا ڏات جا:29)

**بدلو:** انتقام، پلاند، عيوض

او آمرتو سان نيٺ اسان کي ليکو چڪتو ڪرڻو آ،
تون ڪيسين ٻچندين بدلي کان، تو ڏينهن گهٽا آزاريو آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 68)

**ٻڙڇي:** تلوار، ڪاتِ

ڪاريون راتيون ٻڙڇي ٻنجي، روح کي ويتر گهاٽيندِيون
ڪوئي ٻہ نہ ڏيئو ٻاريندو جي جوت نہ ڪو جرڪائيندو!

(ڏيئا ڏات جا:36)

**بعيت:** تعبيداري، اطاعت

يزيد وقت جي بعيت ڪيان سان دوستو ساٿيو
تريءَ تي سر ڏکي يا جان جي بازي لڳايا مان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 126)

**بلاول:** مخدوم بلاول، جنهن کي سچ جي عيوضي گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو هو

گهاڻي ۾ گهتجي، بلاول منهنجي پونءِ جا،
سنڌ سان سازش ڪن اڄ بہ مُلان ملڪ جا!

(ڏيئا ڏات جا:128)

**بوسيده نظرون:** عقيدتمنديءَ سان نهارڻ

اسان ئي قدامت پرستن جي بوسيده نظرن کي للڪاريو
نيٽن سوچ کي پيءِ، اسان ئي اوپاريو هئو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:186)

**بي اختيار:** اُها شيءِ جنهن تي وس نہ هلي

دل جي احساسن جي چٽگن کي دٻائي مان چڏيان
بيت بي اختيار پيا پڙڪي تہ منهنجو ڏوهہ نہ آ!

(ڏيئا ڏات جا:35)

**بي انت:** اڻ ڪٿ، جنهن جو نہ ڪو عار هجي نہ ڪو پار

بي انت بحر جي پولين ۾ هن دل نہ اجا پيي ساٿ ڇڏيو
هٿ، پير ۽ عضوا ڏار ٿيا، آذار بدلجي آهن ويا!

(ڏيئا ڏات جا:39)

**بيداري:** سجاڳي، باشعوري

آزاديءَ جي لهر آئي آ، آزاديءَ جا گيت چئو.
جنتا کي ڪجهه جاڳايو، جذبن کي بيدار ڪيو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:96)

**بيداد جي بازي:** ناانصافيءَ جي دؤر يا ماحول

مون کي نفرت جبر ۽ انڌير، استبداد سان،
قتل و غارت، ظلم ۽ بيداد جي بازار ڪان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:92)

**بيداد نگر:** ناانصافي وارو شهر يا ماحول

هن پاپ ننگر، بيداد ننگر،
نت نت نوان ناسور ڏنا!

(ڏيئا ڏات جا:58)

**بيسو:** بي فائدو جنهن سان ڪا هڙ حاصل ٿئڻي نه هجي، اجائي سجائي

هستي هستي آهه اجائي، مٽي ٿيندو نيٺ وجود،
باغ ۽ محلا، بنگلا ماڙيون، هَٽُ، وڏائي آ بي سود!

(ڏيئا ڏات جا:136)

**بيڪس:** بيوس، جنهن جو بيو ڪو بہ مددگار نہ هجي

بيڪس لئہ لکيو پنهنجي شعرن ۾ چٽيندو ئي رهيس،
ديس جي ڌرتيءَ تان عڪسِ زندگي!

(ڏيئا ڏات جا:78)

**ٻاٽ:** گهري اونده

باک ڦٽي ٿي، رات ڪٽي ٿي
ناهي رهڻي ڪاري ٻاٽ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 204)

**ٻارڻ:** نيائي ڪيڻ، ڏرتي تنگ ڪرڻ.

هتي ڏاريا ڏوتا ڏرتي جا،
تو ٻارن تن لئہ ٻاريو آ!

(آجيپي جي گيت جهڙي شاعري:63)

**ٻاجهہ ڪرڻ:** مهرباني ڪرڻ، پنهنجائپ ڏيکارڻ، شفقت وارو ورتاءُ ڪرڻ

توجا مون تي ٻاجهہ ڪري، پارس جهڙيءَ دعا،
هاهنڙا، مون تي ڦيريا!

(آپي جي گيت جهڙي شاعري:166)

**ٻوساٽجڻ:** چوڏاري اهڙي گهٽ ٽيڻ جو ساهہ ٻوساٽڪندو محسوس ٿئي، منهنجي پوڻ

اهي ڪوٺ ڪنهن طرح ڪيرائجن،
جتي ساهہ مارڻ جا ٻُوساٽجن!

(ڏيئا ڏات جا:47)

**ٻهروپ:** روپ مٽائي ٻيو بنائڻ، ڏوڪو ڪرڻ

اسان ئي تہ ڪوڙ جي ٻهروپ تان پردو آهي ڪنيون،
فريب جا ظلم اسان ئي توڙيا آهن!

(ڏيئا ڏات جا: 48)

**ڀاڳيا:** هونئن تہ مال وند ماڻهن کي ڀاڳيا چئبو آهي، پر چورن جي وارداتن ۾ جن جي چوري ٿيندي آهي تن کي ڀاڳيا چوندا آهن.

پوئي پهر رات جو، ڪيڏي ننڊ اگهور،
گهر ۾ گهڙِا چور، ڀاڳيا پي پنگ سُتا!

(آجيپي جي گيت جهڙي شاعري: 195)

**ڀرجهلو:** سهارو، طرفداري، مددگار

غريبن جي قسمت ۾ ناهي خوشي،
غريب جا اوپر جهلا، يا خدا!

(آجيپي جي گيت جهڙي شاعري: 74)

**پڙڪڻ:** زور سان اپرڻ

بولي گولي ٻڄجي وئي آ، بيتن ۾ بارود پريل،
شهرن مان ٿا شعلا نڪرڻ، ينيٽ پڙڪي پوٺو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 78)

**پڙڪو:** چال ڏئي، ٽپو ڏئي، نچي ڪُڏي

ٿورو نہ لائي تج جو مهٽا ڏيندئي ماءُ،
پڙڪو ڪائي پاءُ، پيڙو ٿيءُ هن يونءِ سان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 190)

**پڙ:** جنگ جو ميدان

لاهي سانگو ساهہ جو اچي ٿيءُ قربان،
ڏرتيءَ سان پيماني، پڙ ۾ پورو آ ڪبو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:199)

**پسم:** سڙي خاڪ ٿيڻ

پسم ٿي ويندو منجهس سرمائيدارنہ نظام،
ملڪ جي محنت ڪشن جي آهہ ۾ آيو اثر!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 120)

**پنڊ پهڻ:** سوائين سُڪتي ۾ آيل جيئن ڪو پٿر هجي.

توڪان اڳ هئي پنڊ پهڻ، تنهنجي آئي،
سيني ۾ دل ڌڙڪي پيئي!

(ڏيئا ڏات جا: 105)

**پونءِ:** ڌرتي

ٿورو نہ لاٿئين ٿي، جو مهٽا ڏيندئي ماءُ!
پڙڪو ڪائي پاءُ، پيڙو ٿيءَ هن پونءِ سان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 196)

**پوهي:** ڌرتي، وطن

صدقي ٿي ويا سنڌ تان هيءَ پوزهو جا وزير

ڦريا ڪين ضمير، گهاٽي پيڙِون جندڙيون!

(ڏيئا ڏات جا: 127)

**پينيٽ:** باهہ جو وڏو مچ

ٻولي گولي ٻڻجي وئي آ، ٻيتن ۾ بارود پريل،

شعرن مان ٿا شعلا نڪرن پنيٽ پڙڪي پوٽو آ!

(آچيي جي گيت جهڙي شاعري: 78)

**پيج پني:** سج اڀرڻ کان واري صبح جو منظر

پيج پنيءَ جو گهونگهٽ پائي،

سر هي سرهي سينڌ سجاي

(ڏيئا ڏات جا: 100)

**پيڙو ٽيڻ:** گڏ جي پوڙ

ٿورو نہ لاٿئي ٿج جو مٺا ڏيندئي ماءُ!

پڙڪو ڪائي پاءُ، پيڙو ٿيءَ هن پون سان!

(آچيي جي گيت جهڙي شاعري: 196)

**پينگ وسڻ:** صفا سج ٿي وڃڻ، ڪو بہ سائو سلو موجود نہ هجڻ.

هر ڪنهن گل تي آهہ ادا سپ، هر ڪا ڪلڙي ڪومايل،

باغ سڄي تي پينگ وسي ٿي، اهڙو ابتو واءُ لڳو!

(ڏيئا ڏات جا: 42)

**تابان:** وڏيڪ چمڪيدار

تارن جي ڪرڻ وانگر چوڏاريءَ ٿا نور چٽيو،

اونداهين ۾ تارن کان پي تابان بنجي آياسين!

(ڏيئا ڏات جا: 37)

**تابندگي:** تازا توانا، ماحول جوڙيندڙ

زندگي تابندگي
زندگي شرمندگي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 173)

**تاثر:** اثر، آنديو.

خطرناڪ، ڳنڀير حالات جو پِي،
سنڌ ۾ دل تي ڪو ئي ٻه تاثر نه آ!

(آچپي جي گيت جهڙِ شاعري: 185)

**تاثير:** اثر، احساس، لذت

وڃي مقتل ويو مستن نعرن سان اي ارشد
دُڪي جلاد ويا تن جو ڏسي تاثير اي ساڻي!

(آچپي جي گيت جهڙِ شاعري: 91)

**تاج تخت:** بادشاهيون

تاج و تخت سندن ۾ زلزلو ڏسجي پيو،
جابرن جي اڄ صفن ۾ ٿرٿلو ڏسجي پيو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 80)

**تاجي پيٽي:** هاشيءَ اڳ لاءِ آمهون سامهون هڪ طرفو ڪبو ته اها تاجي پيشي ۾ ٻئي طرف کان آمهون سامهون ڪبو ته ان کي پيٽو چٽبو آهي.

تهذيب جي تاجيءَ پيٽي جي هرتارا ٿي آ ڏرتيءَ سان
هر سوچ اُڏاريءَ، ڏارڻ کي ڌرتيءَ جي ٻچن للڪاريو آءِ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 55)

**تاريخ جي ورقن تي چٽيل خون:** انهن تاريخي شخصيتن جي شادت جا نشان جن کي سچ جي عيوض شهادتون ماڻيون پيون هيون.

اسان جون خون آ تاريخ جي ورقن تي چٽيل
مري ۾ پاڻ مٽائي به جيئڻ جاڻون ٿا!

(ڏيئا ذات جا:120)

**تاريڪيون:** اونداهيون

رات جي تاريڪين مان ئي ٿو نڪري آفتاب،
ٿو ڪري خوشبوءِ خارن جي ئي وچ ۾ هي گلاب!

(آچپي جي گيت جهڙ شاعري: 222)

**تاءُ لڳڻ:** ساڙو، ٻاڦر جي لهس

رات اچي وئي ياد اوهان جي روح جي اهڙي تند ٽٽي
دل ۾ يڪدم ڀڙڪي پيا ۽ ساري تن کي تاءُ لڳو!

(ڏيئا ڏات جا:42)

**تائيد:** پٺڀرائي

۽ هوڏانهن مذهب جي پرچارڪ به،
ڏاهن جي ڏس جي ڪا تائيد ڪئي آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 182)

**تجارت:** واپار، ڌنڌو

زندگيءَ جي چند پئسن تي تجارت پيو ڏسين!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:128)

**تدبيرون:** تقدير مٽائڻ جون ڪوششون، مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جتن

ڦٽڪا سٽڪا زنيرون تدبيرون
۽ تعذيرون، ڳترا ڳترا ڳيرو آهن!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 176)

**ترجماني:** نمائندگي

شاعري موضوع منهنجو ناهه هرگز دوستي!
مون حقيقت جي سدائين ترجماني آهه ڪئي!

(ڏيئا ڏات جا: 43)

**ترساڃڻ:** کهڪاءُ ٿيڻ، حياءُ ٿيڻ، احساس اچڻ

مون کي توتي سراڃي ٿو
توکي شايد ناهه پت هيءَ!

(ڏيئا ڏات جا: 68)

**تڙپڻ:** لڇڻ، ڦٿڪڻ، عذاب ۾ مبتلا هئڻ جي ڪيفيت

تو وساري ٻه ڇڏيو پر منهنجي سري نه سگهي،
ياد جڏهن ٻه پئيت يار! ته مان تڙپيو آهيان!

(ڏيئا ڏات جا:61)

**تڙپي پوڻ:** درد يا ڏک وچان ٿيندڙ لوڇ پوڇ، ڳالهه نه وڻڻ

مان ڇيڙيان غزل تنهنجي ئي روبرو،
ڪٿي روح تنهنجو نه تڙپي پوي!

(ڏيئا ڏات جا:122)

**تحريڪ:** هلچل، جدوجهد

اوهان ساڻ ليکو نه جيسين ڪبو،
هي تحريڪ تيسين نه خاموش ٿيندي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:220)

**تختئدار:** ڦاسيءَ جي تختي تان

تڏهين تختئدار تان توکي آءٌ چوان ٿو للڪاري،
آءٌ مري پيي جيئرو هوندس، تو وٺ ايندس!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:132)

**تخليقون:** ايجادون، نيون نيون شيون جوڙڻ، شاعري،

**تخيل:** سوچ، ويچار، خيال

زبانن تي نالا، تخيل تي پهرا،
لکڻ کان ٻه وياسين ڪڇڻ کان ٻه وياسين

(ڏيئا ڏات جا: 117)

**تشدد جي سهاري:** هارهو چڙن ۽ هٿيار جي طاقت سان حڪومت هلائڻ

قوتِ جمهور آڏو تن ڪي آ جهٽڪو پيو

جن تشدد جي سهاري حڪمراني آهہ ڪئي!

(ڏيئا ڏات جا: 43)

**تصادم:** جهڙو، ڦڏو، دنگل

۽ هيٺن ۾ جڏهن بہ همت اچي وئي تہ گهاٽن ۾ گهمسان پئجي وجن ٿا

۽ هيٺن ۽ ڏاڍن جي فطري تصادم کي نہ روڪي سگهيو آهہ ڪوئي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:184)

**تعذيرون:** عالمن جون فتوائون، ڏوهي ثابت ڪرڻ جون تحريرون

ڦٽڪا سنڪا زنجيرو، تدبيرون ۽ تعذيرون،

ڳترا ڳترا ڳيرو آهن!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:176)

**تعصب جا پردا:** حسن جون رنڊڪون

تعصب جا پردا سڙي خاڪ ٿيندا

پَـجي بنـد پـونـدا!

(ڏيئا ڏات جا: 82)

**تعمير:** جوڙجڪ، بناوت

جگر جو خون ڏئي جن ڪئي هئي تعمير وطن جي

چمن تي ناهہ تن جو وسر نہ ڪوئي اختيار آهي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:81)

**تقسيم:** ورهاست

جدا سنڌ ڪان ناهہ سنڌو تنگر،

نہ تقسيم ٿيو آهہ دل جو شهر!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:84)

**تڪفير:** فڪر سان سلوڪ يا رويو

اسان لئہ اڄ جي سينگاري وئي سوري تہ ڇا ٿي پيو!
اصل ڪان آهہ منصورن جي ٿي تڪفير اي ساٿي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:91)

**تڪميل:** پورائو پورتا، مڪمل ٿيڻ

سامتون سي ئي تہ ارشد ٿيو ساڳيون ليکجن
فرض جي تڪميل ۾ جيڪي گهڙيون گذري وڃ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:71)

**تمثيل:** مثال ڏيئي لِڪَ ۾ بيان ڪرڻ

سچ تمثيلن ۾ جڏهن آ لڪائي پيش ڪيو
ڇڻ لڪي ويو سچ ڪڪرن جي اندر!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:141)

**تمدن:** رهڻي ڪهڻي، گهرن ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جو شعور

تہ جڏهن ڪان ماڻهونءَ ۾ گڏجي رهڻ جو شعور آهہ آيو
تڏهن ڪان تمدن ۽ تهذيب جي شروعات ٿئي ٿي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:180)

**تمنا:** خواهش، گهر، آرزو

زندگي مزدور جي هت آهہ راشد تباهہ
زندگيءَ جي ڪا تمنا ناهہ پر جيئڻو پيو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:89)

**تنوير:** روشني، چانڊوڪي، شعاءَ

ڏسي اونداهہ جو عالم متان مايوس ٿيا آهيو
پري ڪان آهہ پکڙي پرهہ جي تنوير اي ساٿي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:91)

**توپارا:** تنهنجي پارن پٽن جھڙا، تنهنجي منهن مهاندڻ جھڙا، تو وارو سياءُ رکندڙ

عمر سڄي هيءُ روح اڪيلو ويڳاڻو ٿي پٽڪي ها،
سائين منهنجا ڪين ملن هان مون سان جي تو پارا ماڻهو!

(ڏيئا ڏات جا:34)

**توريت:** حضرت ابراهيم عليه اسلام جن جي دؤر ۾ لٿل آسماني ڪتاب

مان دنيا لئہ ويو ۽ قرآن جو سنديس هان روح مان توريت جو،
منهنجو من زبور آ، پيار جو انجيل آ منهنجي جيون جو ڪتاب!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري:190)

**تون مان:** ڏار ڏار سڃاڻپ رکي، ٻہ اجنبي ۽ اوپرائي،

روح کي ڪيئي روپ مليا، هڪ جوت ٿي جرڪي جلون ۾،
ڳالھہ تہ ساڳي آهيون پوءِ ڇو "تون"، "مان" بنجي آياسين!

(ڏيئا ڏات جا:137)

**توهم:** وهم، وسوسا، اجايا خيال، لغو

حقيقت جي چهري تان صدين جي توهم جا پردا هٽائي
حقيقت کي اصلي شڪل ۾ جي ڏسبو!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري:180)

**تهذيب:** ٿيٽي ويھٽي، ريتون رسمون، رواج وغيره

تهذيب جي تاجيءَ پيٽي جي هوتار اُٽيل آ ڏرتيءَ سان،
هر سوچ اُڏاريءَ ڏاريءَ ي ڏرتيءَ جي ٻچن للڪاريو آ!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري:55)

**تيرگي:** اونداهي، غمگين، مايوسي

آس جي مڪڙي حادثن جي وئي نذر ٿي، روح جي دنيا تي ڇا نئين تيرگي،
چوٽ اڄ اهڙي لڳي وئي، هميشہ لاءِ منهنجي دل ٻُڏي!

(ڏيئا ڏات جا:97)

**ٽرٽلو:** وٺ پڪڙ، ڌمڻ جو خوف، جنگجو ماحول

تاج و تختن، هسندن ۾ زلزلو ڏسجي پيو،
جابرن جي اڄ صفن ۾ ٽرٽلو ڏسجي پيو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:80)

**ٽاڪوڙا پوڻ:** هٿيارن جا منهن کلي وڃڻ، وٺ وٺان ٿي وڃڻ

امن جي ڌرتيءَ تي ڏاڍائي ڏسي ٽهڪ شيطانن ڏنا
۽ خداءِ لم يزل، ڦريون دفعو روئي ڏنو!

(ڏيئا ڏات جا: 79)

**ٽامون:** معنيٰ تہ باهہ ۾ تپي جيئن ٽامون ڳاڙهو ٿي پوندو آهي

جيون جي اٽانگهين راهن تي، اوراهہ مسافر چانوڪ نہ ڳول اُن جيان
هر وک تي ڏک جون ڏونگر آهي، ڌرتي ٽامو واري آ!

(ڏيئا ڏات جا: 24)

**ٽان ٽان:** ڏيڏر پاڻيءَ جو جانور آهي، اهي گڏجي جيڪو آواز ڪيندا آهن

تسبيح داٽا هٿ ۾، ٽان ٽان ڏيڏر ڪن!
نڀيا ملڪ نڀن، سچا ناهن سنڌ سان!

(ڏيئا ڏات جا: 129)

**ٽاهڙ:** ڇرڪندڙ ڊڄي ڀڄندڙ

هرڻيءَ جهڙِ ٽاهڙ ڇوري، چار وڇائي ڪسڪي وئي،
جادوگر سان جند جڙي، جنهن گهايل دل کي گهايو!

(ڏيئا ڏات جا: 39)

**ٽرڙا:** ڦوندڙ وارا، اجايو ڏيکاءُ ڪندڙ

ٽرڙا سامهون ايندا ڪتجي ويندا، ڏاتن سان سِرَ لُڀجي ويندا
ڇڪتو ٿيندو حق حساب، او ساٿي! چاڙ تہ آيو انقلاب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:209)

**ٽسڪيا:** ڪڙهيا

ڪو دل ۾ پنيٺ پڙڪايو، مون رت رڳن ۾ ٽسڪايو
اي سنڌ وطن! مون تنهنجو ڪڏهن گيت ڇپن تي جهونگاريو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:82)

**ٽڪسال:** ڊرامو ڪيٺ ٻهروپي، ڏوڪو

منهنجي دل ۾ نفرتون وڏنديون رهيون ارشد سدا،
جڳ جي ڪوڙن طلسمن، ٽڪسال ڪان، جنسار ڪان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:92)

**ٽُرڙ:** سُڪل، ذهني طور ڪوڪلو

ٽُرڙ وڏيرا توڙا آهن،
تو ڪان هر گز ڏاڍا ناهن!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:185)

**ٿوهر:** بريان هي سوڪهڙي واري ڌرتيءَ مان ڦٽندڙ ول جيڪا زمين تي پکڙجي ويندي آهي ۽ گول ساوا ميوا ٿوهر ڪڙائي ڪان مشهور پيدا ڪندي آهي

بي عمل جي زندگيءَ کي پيٽ ڏيندس ٿوهر سان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:177)

**ٽيڪيا:** لڙيا، ڳڙيا، هيٺ ڪريا

عرش تائين آهه منهنجي دل سندي پهچي وئي،
لڙڪ نئين مان جي ٽپڪيا، چنڊ تارا ٽي ويا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:90)

**ٽوڪرون لڳڻ:** ڄُنيون ٽيڻ، رنڊڪون لڳڻ، نيچ رويا اختيار ڪرڻ

ملڪ جي محنت ڪشن کي ٽوڪرون ئي ٽيون نصيب
پر اي ارشد مفت خورن خانداني آهه ڪئي!

(پيڙا ذات جا:43)

**ثنا:** ساراهه، واکاڻ، عقيدت جو اظهار

مان عنوان بنائي سند ۾ سونهن کي

ثنا تنهنجي سهڻا ڪرڻ ٿو گهران!

(ڏيئا ڏات جا: 122)

**پاپ:** عروڌ، ظلم ڏوهه، هتيا

جيسين جڳ ۾ پاپ آ قائم،

جوڻ مٽائي ايندا سين!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:141)

**پاپ ننگر:** ڏوهارين جو ڳڙهه

پاپ، ننگر ۾ پيار ٿو ڳولين،

سياڻو ٿي ڪا سوچ ته ڪر!

(ڏيا ڏات جا: 34)

**پاپي:** پاپ يا ڏوهه ۾ گناهه ڪندڙ ظالم، ڏوهاري

پاپين جا پنجوڙ ڳرا، هئا هٿڪڙيون ۾ نوڙڳرا،

جاجوالا پڙڪي سينن ۾، تنهن زنجيرن کي ڳاريو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:69)

**پادري:** هندو مت جا مولوي

ملن، مولوين، پادرين ۾ پنڊت رڳو ناهه ڪئي،

انهن ساڻ شامل هئا ڪي مصلحت بين ڏاها!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:185)

**پارس:** اهو قيمتي پٿر، جنهن جي ڇُهڻ سان لوهه به سون بنجي پوندو آهي.

پارس جهڙيءَ دعا جا هٿڙا مون تي ڦيريا،

ٻاجهه ڪري ۾ سون برابر سمجهيو ويو آهيان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:166)

**پاره پاره:** پرزا پرزا، ٽوٽا ٽڪر ٿيڻ، ڀڄڻ، ڀڄڻ ڀُرَڻ

زندگي! تنهنجي غمن جا بار آخر ڪيئن سهون

هيءُ جگر، جيرا سمورا پاره پاره ٿي ويا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:90)

**پاسبان:** محافظ

تنهنجي جوانن جو قسم،

ها، پاسبانن جو قسم!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:112)

**پامال:** پيڙيل، ستايل، ڏکويل، ذري گهٽ ختم ٿيڻ تي

هيءُ آٽي سگهن ٿا، هتي انقلاب،

هي پاپن جا پيڙيل، هي پامال ماڻهون!

(ڏيئا ڏات جا48)

**پائمال:** ختم

سنڌ ڌرتيءَ جا ه ي ڌوتا، ديس جا دشمن دلال،

سامراجيت جي پٺي کي، آهـ ڪرڻو پائمال!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:118)

**پاينده باد:** سدائين قائم رهندو

سنڌ، سنڌي قوم، سنڌي زبان،

پاينده باد!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:114)

**پت ٻارڻ:** ناتو ٻناهڻ، روايت تي پورو عمل درآمد ڪرڻ.

اسان هن زماني جا سقراط، منصور آهيون،

سچائيءَ سان پت ڏس ٻناهيون پيا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:186)

**ٻَنو:** خوش آمدڙيا، پوئلڳ، ٽيڪائو دلال

سنڌ ڌرتيءَ جا هي ڌوتان، ديس جا دشمن دلال،
سامراجيت جي ٻنن کي، آهه ڪرڻو پائمال!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:118)

**پرستش:** پوڄا، عقيدت، عبادت

نہ تون بت نہ ديوي، نہ مان ديوتا،
جو تنهنجي خيالي پرستش ڪيان!

(ڏيئا ڏات جا:110)

**پرک:** جانچ، ڇنڊ ڇاڻ

ديوانن جي ڪٿ نہ هئي، پر پرک ۾ دعوا پڌرتي ٿي!

(ڏيئا ڏات جا: 46)

**پرهار:** ٻاهران اچي ڦريندڙ

جڏهن وارا ڌرتيءَ تي پرهارڪن
وڏيرا ٿا ڌارين سان شامل ٿين!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:124)

**پڇم:** اولهہ، پرهتي اولهہ پاڪستان لاءِ ڪتب آيل آهي

پورب، پڇم ڌار ٿيا، ويو ڍاڪا ڪٽجي پنڊيءَ کان
اوڀر جي سپوتن رت ڏئي، اولهہ کي سبق سيکاريو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:69)

**پنجوڙ:** مِرون کي ڦاسائڻ لاءِ خاص نهيل ڄار

پاپين جا پنجوڙ ڳرا، هئا هٿڪڙيون ۾ نوڙ ڳرا
جا جولا پڙڪي سينن ۾، تنهن زنجيرن کي ڳاريو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:69)

**پنڊت:** هنڊوءَ مت جا بزرگ ۽ ماهر

ملن، مولوين، پادرين ۽ پنڊتن رڳو ناهه ڪئي،
انهن ساڻ شامل هئا ڪي مصلحت بين ڏاها!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:185)

**پُوڄا:** پرستش، ڪنهن جي اڳيان عقيدت جي اظهار طور نوڙڻ،

هي ڪنڌ جهڪيو ڪنهن جي نہ اڳيان پر سائين تنهنجا پير چمان!
مون پير جمڻ جي ڳالهہ ڪئي، مان قائل ناهيان پوڄا جو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:162)

**پورب:** اوڀر، پرهتي اوڀر پاڪستان لاءِ ڪتب آيل آهي

پورب، پڇم ڏارٽيا، وبو ڍاڪا ڪتجي پنڊيءَ کان،
اوڀر جي سپتن رت ئي، اولهہ کي سبق سيکاريو آ!

(آجپي جي گيت واري شاعري:69)

**پوڪارڻ:** ٻاڏائڻ، ورد ڪرڻ، اُچارڻ

ورد ۾ تنهنجو وظيفو سنڌ جو نالو ڪيان
روز و شب وينو پوڪاريان منهنجي منڙي سنڌڙي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:66)

**پول پڌرا ٿيڻ:** عيد ظاهر ٿيڻ، راز عيان ٿي وڃڻ

رات ڏنوسين رندن سان گڏ مئخاني ۾ پيش امام
دعوائن جو پول ٿيا پڌرا، ايمانن کي چا ٿي ويو!

(ڏيئا ڏات جا:36)

**پوٽي پُرزا پُرزا ٿيڻ:** ڪپهہ جي جُت جنهن کي پوٽي چئبو آهي، اها تاڻڻ وقت دزون دزون ٿي ويندي آهي.

پوٽيءَ وانگر پوزا ٿي وئي، پٿر جهڙي کهڙي دل،
غم جو ماريل شاعر اهڙو نغمو ڳائي وينو آ!

(ڏيئا ڏات جا: 140)

**پھلوان:** طاقت ور، همت وارا

سنڌ جي سورهيہ سپوتن نوجوانن کي سلام،
ايس جي دودن ۽ جوڌن پهلوانن کي سلام!

(ڏيئا ڏات جا:118)

**پئند:** پيرن ۾ پوندڙ زنجير

پئند پيرن ۾، زبانون بند، هٿ ڪٽجي ويا،
دل جي ليڪن روشنيءَ کي ڪو وسائي ٿو سگهي؟!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:79)

**پِيڙا جا پڙلاءَ:** سورن ۽ دردن جا جذباتي اظهار

جن جي هر هڪ سٽ اندر پيڙا جا پڙلاءَ
اچا ڪين سجاتاءِ، ڏاها پنهنجي ڏيهہ جا،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 197)

**پيچيدگيون:** ڏکيائون، مونجهارا

ورو ڪڙ نہ جنهن ۾ پيچيدگيون
اڄ جي سنڌي شاعري سچ جو آواز!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 141)

**پيڪڙا:** پيرن ۾ پوندڙ زنجير

پيرين پيل پيڪڙا، سنگهرون منجهہ سرير،
گهاٽي لٺ لڏي وئي، ڦريا ڪين ضمير،
هن ڌرتيءَ جا وير، ڪيڏا پختا قول جا!

(ڏيئا ڏات جا:154)

**پيمان:** واعدا، وچن، اعتبار

سنڌڙي او جندڙي، مان تنهنجو ارشد آهيان،
سِرُ ڏئي پورا ڪندس پيمان تنهنجي شهر ۾!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 67)

**جابر:** ظالم، ڏاڍ ڪندڙ تشدد ڪندڙ

تاج و تخت، مسندن ۾ زلزلو ڏسجي پيو،
جابرن جي اڄ صفن ۾ ٿرٿلو ڏسجي پيو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 80)

**جادوگر:** ڪرتب ڏيکاريندڙ/اڻ ٽيڙيون ٽيڙيون ڪري ڏيکاريندڙ

هرٽي جهڙي، ٿاهڙ ڇوري ڇارو وِڇائي ڪسڪي وئي،
جادوگر سان جنداڙي، جنهن گهايل دل کي گهايو آ!

(ڏيئا ڏات جا: 39)

**جاسوس:** خابرو، ڳجهه ۽ راز پڪڙيندڙ

سڄي شهر جي اڄ رقيبن ڇڏيا، پنهنجا جاسوس آهن،

(ڏيئا ڏات جا:81)

**جانباز:** سِرُ قربان ڪندڙ جان جي بازي لڳائيندڙ

اي جوانو! جانبازئو وک وڌائيندا هلو.
پنهنجي نفس سان دنيا کي ڏڪائيندا هلو

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 88)

**جانڊهه:** ٻن پٿرن جي ڏَڏِريل پُڙن واري شيءِ جنهن ۾ ان پسجي اٽو ٿي ويندو آهي.

جيون آهي جانڊهه وانگي، جنهن ۾ جذبا پسجي ويا
ڪهڙا ڪهڙا خواب ڏٺاسين، ڇا ڇا سوچيو ڪالهه اسان؟

(ڏيئا ڏات جا: 30)

**جبر:** ظلم ۽ ڏاڍ

مون کي نفرت جبر ۽ استبداد کان،
قتل و غارت، ظلم ۽ بيداد کان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**جبرو استبدار:** ظلم ۽ بي انصافي

جبرو استبداد جا قلعا اِجهي سمار ٿيا
پل اندر طوفان هي تن کي اڏائي ٿو سگهي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 79)

**جبرو تشدد:** ظلم ۽ مارا ماري، وٺ پڪڙ، ظلم

هڪ طرف جبرو تشدد، ظلم جو ڪارو نظام،
باهه وانگر ٻئي طرف پڙڪي ٿي و وش انتقام!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 115)

**جتن وَسَ:** ڪوششون، سعايا، جانفشاني

هاءِ دهشت، ساهه مُٺ ۾، هاءِ جياپي جا جتن!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 79)

**جٿا:** ميڙ، ماڻهن جون مُچيون مُچيون

وڏيرن جا چمچا، اسان لاءِ پٿر ڪٽي گڏ ٿيا،
حياتيءَ جي راهن تي ٿاهي جٿا، وڏي وات چو طرف ڀئونڪن پيا!

(ڏيٺا ڏات جا: 83)

**جدوجهد:** هلچل، ڪوشش، مرڳ، تحريڪ، ڪنهن مقصد جي حصول لاءِ تيز ۽ تُڌُ عمل

زندگي جدوجهد آ زندگي آ انقلاب،
زندگيءَ جو راز هلچل ۾ سمايل آ جناب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 117)

**جذب ٿي وڃڻ:** تحليل ٿي وڃڻ، جنم ٿي وڃڻ، سمائجي وڃڻ، حل ٿي وڃڻ

توجيجل ۾ ٿي جذب وئين،
هيءُ حق آ ذرتيءَ ماتا جو.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 162)

**جذبن جي جوالا:** جيئن جبلن منجهان گرميءَ ۾ سردي جي گڏجڻ سبب ڪو خال ڏماڪي سان ڦاٽ ڪائيندو آهي، تئين اندر مان جذبن جو ڦاٽ ڪائڻ

۽ ذهنن ۾ جذبن جي جولا جي پڙڪي پوي
تڏهن ڦاٽ ڪائي سگهي ٿي جڏهن گيت گولين سان گڏجي هلن

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 187)

**جرجي جهاڳ:** پاڻيءَ جي تيز وهندڙ وهڪري مان جڙندڙ اٿل پٿل

اڄ قيد جي ڪارين ڪوٺين ۾ آ وقت جو شاعر شيخ اياز
جنهن هيڏي جر جي جهاڳ مٿي اڄ ڏات جو ڏيئو ٻارو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 69)

**جُڙتو:** هٿراڌو، نقلي، عارضي

هيءَ رت جي رنگيني، هي موسم جو طلسم،
هي جنسار جڙيو تہ جادوءَ جا کيل
مسرت جي منزل جي تڪميل ناهن!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 178)

**جشن بهاران:** بهار جي موسم جي آمد تي ملهايل خوشيون ۽ جشن

مانجشنِ بهاران ملهايان مگر، وطن جي ڇهن ۾ ٿو جڏهين ڏسان
تہ هر قول مون کي ٿو ٿاندو لڳي، بهارن ۾ ٿو جيءُ منهنجو جلي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 179)

**جفا:** ڏاڍائي، زور، ايزاءُ، جان ليوا محنت

هن شهر جفا جي ڳالهہ نہ ڪر،
هت روز وفا جو قتل ٿئي!

(ڏيئا ڏات جا: 56)

**جڪڙجي وڃڻ:** سوگهو ٿي وڃڻ

سنڌ ون يونٽ جي زنجيرن ۾ جڪڙجي آهہ وئي،
بَندِ بي ڏوهي هيءَ بيوس بندياڻي ٿي وئي

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 114)

**جگنو:** ٽانڊاڻو ڪڙ ڪيتو ڪر ڪتڙو

اي ڏرتي تنهنجو درد ڪٺي مان ڏرتيءَ ڏرتيءَ پٽڪيو هان،
۽ ڪارين راتين ۾ هان جگنو بنجي جرڪيو هان!

(ڏيئا ڏا جا: 53)

**جُڳ جُڳ جيئڻ:** امر تا ماڻڻ، ڪڏهن بہ مري مات ٿيڻ وارو نہ،

جُڳ جُڳ جيئن تون جي، ايم سيد
توهانءَ امڙ جو ناريو آهي.

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 163)

**جلاد:** سرڪاري طور مقرر ڪيل ڦاسي جي سزا مليلن کي قتل ڪندڙ

جلادن جا حملا توڙي، هيٺن تي پيپور هئا،
ڏاڍ جا ڏونگر ڏاريا جن سي هاري ۽ مدور هئا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 83)

**جلوه نمائي:** سونهن جو اظهار ڪرڻ

اي حسنِ مجسم! جڏهن چنڊ جهڙي تو منهن تان پردو ڪنيو،
جلوه نمائي ڪيئي، وجهي گهنڊ گهوري ۾ منهن ڍَڪي گهه گهائي چڏيئي!

(ڏيئا ڏات جا:108)

**جمود:** سڪتو، ماٺار، سُن ٿيڻ

مدتن ڪانپوءِ ٽٽو هن قوم و آهي، جمود،
مدتن ڪانپوءِ برف جا دِڳ پيا آهن جي،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 145)

**جنتا:** فوج، گوريلا

آزاديءَ جي لهڙائي آ، آزاديءَ جا گيت چئو
جنتا کي ڪجهہ جاڳايو جذبن کي بيدار ڪيو

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 76)

**جنداڙجن:** مصيبت ۾ مبتلا ٿي وڃڻ، ڪنهن عشق لڳي وڃڻ

هرٽيءَ جهڙي تاهڙ چوري، چار وِڇائي ڪسڪي وئي،
جادوگر سان جندُ اڙي، جنهن گهايل دلڙي گهائي آهي

(ڏيئا ڏات جا: 39)

**جندڙ ڇڏي ڇپي مان لاهڻ:** مصيبت مان نجات پائڻ

هڪ جنڊ ڇڇيءَ مان لاٿو سي،
ٻيو ڳٽ ڇڇي ۾ پاتوسي!

(ڏيئا ڏات جا: 57)

**جنسار:** ناهہ نوهہ، نظارا، شوبازي، رنگارنگي

منهنجي دل ۾ نفرتون وڌنديون ويون ارشد سدا،
جڳ جو ڪوڙنِ طلسمن، ٽڪسال ۽ جنسار ڪان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**جنم ڀومي:** اها جاءِ جتي انسان جي پيدائش ٿي هجي

هيءَ جنم ڀومي بلاول، پٽ ڌٽيءَ جي ايم جي،
سنڌ جي مٽي اکين سان مان چُمان، صديق وجان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 65)

**جنون:** جذبي جي شدت

ڪڏهن جوش، جنون، عشق آخر رنگ لائيندو،
ٽَڪَرَ ٿي نيٺ ويندا زور جا زنجير اي ساٿي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 91)

**جولا مُکي:** جبل جي اندران گرميءَ ۽ گئس سيان باهہ ٻڙڪو ڏئي جبل ڪي ڦاڙي ٻاهر نڪرندا

ٻاٻين جا پنجوڙ ڳرا، هٿ ڪڙيون ۽ نوڙ ڳرا
جا جوالا ڀڙڪي سيني مان، تنهن رنجيرن ڪي ڳاريون،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 69)

**جوت:** روشني، شعور، قوت

ڪلفتن جي ڪپ تي ڏئي سونهن مون،
اجا جوت جنهن جي ٿي جيءَ ۾ ٻري!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 87)

**جوت جلائڻ:** جاڳرتا آڻڻ، روشني ڦهلائڻ، شعور عام ڪرڻ

ٻرندو رهندو مون ڪان پوءِ ٻي منهنجو هر هڪ رت ڦڙو
ڌرتي! توتي جان ڏئي پيو، جوت جلائي ويندس مان!

(ڏيئا ڏات جا: 25)

**جوٺو:** لُبيل، اڳ ۾ استعمال ٿي باقي بچيل، خراب

جڳ جو هر جنسار آ جوٺو، ختم ٿي ويندو کيل،
هتي نہ رهندو هرگز ڪوئي، گهڙيءَ پلڪ جو ميل!

(ڏيئا ڏات جا: 136)

**جوٽي چڏڻ:** شروع ڪري ڇڏڻ

اسان ظلم سان جنگ جوٽي ڇڏي
اُنهيءَ جي اسان پاڙکوٽي ڇڏي

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 223)

**جوڌا:** جوان، قربانيون ڏيندڙ بهادر، ويڙهو، جنگ

دوست انهن جوڌن، دودن، ڌرتيءَ جي دل ٺاري، آ،
جن ديش تان هر شيءِ صدقي ڪئي، جند جان وطن تان واري آ

(ڏيئا ڏات جا: 24)

**جوشي انتقام:** پلاند ڪرڻ جو جذبو، وير پاڙڻ لاءِ جوش

هڪ طرف جبرو تشدد، ظلم جو ڪارو نظام،
باهہ وانگر ٻئي طرف ڀڙڪي ٿو جوش انتقام،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 115)

**جوڳي:** جوڳ معنيٰ عيش آرام کي ڇڏي ڇڏڻ ائين ڪندڙ کي چئبو آهي

مُرلين سان ويا موهي من کي جوڳي جن جي جوءِ نہ ڪيا،
پرديسين سان پيار ڪري مون ارشد اڄ پڇتايو آ،

(ڏيئا ڏات جا: 39)

**جولان:** شدت سببان اٿلون کائڻ واري صورتحال

سنگتين، ساٿين، يارن پيارن انسانن کي ڇا ٿي ويو؟
سوريءَ کي اڄ ڏسندي ئي جذبن، جولانن کي ڇا ٿي ويو؟

(ڏيئا ڏات جا:26)

**جوڻ متائڻ:** جنم جو ڦيرو، ٻيو جنم وٺڻ

جيسين جڳ ۾ پاپ آ قائم،
جوڻي متائي ايندا سون.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 160)

**جوهر مر:** ڪفن ۾ پائڻ جو ڳهہ

روز اسان وٽ ايندي آهي،
ميندي لائي، جهومر پائي!

(ڏيئا ڏات جا:102)

**جهانِ ڪهنہ:** پراڻو زمانو، آڳاٽو وقت

آسمان ٽڪرا ڪندا، ڌرتي ڌٻائيندا هلو
هن جهانِ ڪهنہ ۾ محشر مچائيندا هلو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 88)

**جهاد:** سچ ۽ حق جي راهہ ۾ سر قربان ڪرڻ

زندگيءَ جدوجهد آ، زندگي هلچل، جهاد،
زندگيءَ ڌوڙيا، ڌماڪا، انقلاب ئي انقلاب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 172)

**جهد مسلسل:** لڳاتار ڪوشش، سدائين لاءِ هلچل ۾ رهڻ

آهه جي جهدِ مسلسل، ڪشمڪش ۽ امتحان،
هيءَ گلن جي سيج ناهي، خواب راحت ناهي دوست!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 222)

**جئدان:** حياتي بچائڻ، جياپو

ڪير ڪُنن ۾ ڪاهي پَئي
ساسيءَ ڪي جئدان ڏِئي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 147)

**جياپو جنجال ٿيڻ:** زندگيءَ سور بنجي وڃڻ، روڳي، زندگيءَ گذارڻ ڏکي ٿي وڃڻ.

جلي جند، جياپو ٿي جنجال ويو،
مگر نينهن تو سان نباهي ڇڏيم!

(ڏيئا ذات جا:45)

**جياپي جو وِهه:** زندگيءَ جو زهر، عذاب ۾ گذارجندڙ حياتي

جُدائي، جياپي جو وِهه ٿو پيان
مگر قول ڌرتيءَ سان پيو پاريان!

(ڏيئا ذات جا: 44)

**جيت:** فتح، سرسي

نيٺ ته ٿيندي سچ جي جيت،
ڪوڙ ڪي ميڄٽي پوندي مات،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 99)

**جيءَ جيارا ماڻهون:** اهي ماڻهون جن جي ڏسڻ سان جيءُ ٺري پئي

ڪن جو ڳالهڻ ڪين وٽي ٿو ڪن جي ماري خاموشي ٿي،
ڪن جي هستي موت برابر، ڪي ڪي جيءَ جيارا ماڻهون!

(ڏيئا ذات جا:31)

**چار وچائڻ:** ڦاسائڻ جا جتن ڪرڻ

هرٽيءَ جهڙي ٽاهڙ ڇوڙڻ چار وچائي ڪسڪي ويئي،
جادوگر سان جنداڙي، جنهن گهايل دل کي گهايو آ!

(ڏيئا ڏات جا:39)

**جهپٽڻ:** چتاپيتي ڏيڻ، ساڻ ساڻ هلڻ، ڏاهي پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ

انڌا ڇهڙا اُپ ڏي جهپٽن، جهپ هٽڻ،
موڙها مت ڏين، ڏاهپ گهاٽي پيڙجي،

(ڏيئا ڏات جا: 129)

**جهپ هٽڻ:** چال ڏئي ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ

انڌا اڇهڙا اپ ڏي، جهپٽن جهپ هٽڻ،
موڙها مت ڏين، ڏاهپ گهاٽي پيرجي!

(ڏيئا ڏات جا: 129)

**جهنجهوڙڻ:** لوڏڻ ڏوڏڻ، احساس جاڳائڻ

ڪيڏي نہ سجاڳي آندي آ، اي ڌرتي مون منهنجا گيت لکي،
مون جذبن کي آ جهنجهوڙيو، مون اميدن کي جياريو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 68)

**جهڪٽو پوڻ:** شڪست قبول

قوت، جمهور آڏو تن کي آ جهڪٽو پيو،
جن تشدد جي سهاري حڪمراني آ ڪئي!

(ڏيئا ڏات جا: 43)

**جهول جهلڻ:** دان گهرڻ، خيرات منگڻ، دين جي تقاضا ڪرڻ

تو در ٿو مان جهول جهليان، اي ڌرتي مون کي سگهہ ڏجان
ڏات سان گڏ کو ڏڏُ ڏِجان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 167)

**چاڪ چڪائڻ:** ٽڪ ۾ سنڌ ۾ سورٺي پوڻ، ڪا ڏک واري ڳالهه يا اچڻ ڦٽ اٿلي پوڻ.

محنت ماروئڙن جون چيلهيون ڪيون چور،
سنگهارن جي سور، چاڪ چڪايا دلين جا

**چالاڪ چاڪي:** هوشيار گهاٽو وهندڙ

ڏسون ٿا تہ هر دور ۾، ڪي مڪار عيار ۽ چالاڪ چاڪي.
رواجن ۽ رسمن، سماجي سرشتي جي گهاٽي
هيٺن ۽ مظلوم، مجبور، پاڻن جي پيڙيل، غلامن کي پيڙين پيا
(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 181)

**چاهت:** پيار، چاهنا، عشق

ڪورٽن ڪاٽيا وير، گهااٽي پيڙا گهوٽ
چاهت سندي چوٽ صدقي ٿي ويا سنڌ تان.
(ڏيئا ڏات جا:127)

**چپ تي اچڻ:** اظهار ماڻڻ، عوام اڳيان پڌرو ٿيڻ

منهنجي دل جي گهراين ۾ گيت سُريلو ڦٽڪيو ٿي،
اٿلون ڪائي نيٺ اندر مان منهنجي چپ تي آيو آ!
(ڏيئا ڏات جا: 39)

**چپ چٽڻ:** هارائي ويهڻ، ڦرجي وڃڻ، وڃائي ويهڻ

زمانو راتي چپ چٽيندو ئي رهندو،
زماني جي پرواهہ چو ٿا ڪريو!
(ڏيئا ڏات جا:82)

**چراغ:** ڏيئو ڏياٽي، روشني ڪندڙ آلو

رات جي تاريڪين ۾ خون جا ٻاريو چراغ
جيستائين صبح آزاديءَ جو اُڀري آفتاب!
(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 118)

**چرپٽ راجا:** اهو سيوهڻ ۾ انتهائي انڌو قانون ۽ ناانصافي ڪندڙ هوان ڪري ان جو اهڃاڻ بڻجي.

تو چرپٽ ننگري ناهه ٻُڌي، جت ڏاڍو ٿيندو گابو آ،
هن شهر جو راجا راج ڏٺي، اُن چرپٽ جو پيي بابو آ!

(ڏيئا ڏات جا: 59)

**چڪنا چور:** تباهه حالت هئڻ، ڀانوا ڀول هئڻ، ڀڃي پوڻ

سُرُ سُرُ سوريءَ ڏانهن تڏهن پيي سچ جا نعرا هڻڊا ويا،
رت ۾ ٻاڙها زخمي ٻڌيا، توڙي چڪنا چور هئا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 83)

**چڪور:** اهو ننڍڙو پکي جيڪو چنڊ کي حاصل ڪرڻ لاءِ لاحاصل جدوجهد ڪندو رهندو آهي.

نہ تون چنڊ آهين، نہ مان هان چڪور،
جو تو تائين ڪڏهن نہ پهچي سگهان!

(ڏيئا ڏات جا: 110)

**چڪيا:** ڦاسي، سوري،

”سدائين سندن ماءُ ۽ پيءُ جن جو گلو آگهتي“
۽ تن جي امگن ۽ احساسن کي تياسن تي ٽنگيو ويو آ،
پٿر جي بي حسن بتن جي قدمن مٿي،
جوان سال جسمن جي جذبن کي چڪيا تي چاڙهي ويو آ!

(ڏيئا ڏات جا:114)

**چمچا گير:** خوشامد ڪندڙ

هت موجون ميرن پيرن جون،
سرڪاري چمچاگيرن جون!

(ڏيئا ڏات جا:56)

**چنچل:** الهڙ، اُها ڇوري جنهن دنيا ۾ ڏکڻ اجان نہ ڏٺا هجن، سڪيلڏي

واهڻ جي اوچنچل ڀوري، ڇوري! پنهنجو پاڻُ سنڀال،
هوڪو ڇورو تنهنجي واٽ تي، چار وڇائي ويٺو آ!

(ڏيئا ڏات جا:40)

**چنڊا:** نِڀاڳا، نحس

رهبر جي مليا گمراهہ مليا، ڪجهہ انا ها، ڪي چنڊا ها،
بي سمجهہ ابوجهن ماڻهن کي درد رتي رولايو آهہ ويو!

(ڏيئا ڏات جا:32)

**چنگيز:** ٻاهريون افغاني ڪاهي ايندڙ فاتح، جيڪو ظلم، ڏاڍ ۽ بربرتي جو اهڃاڻ بڻجي ويو.

چنگيز، هلاڪو، هٽلر ۽ ايوب جو ڇا انجام ٿيو
تاريخ ۾ پنهنجي حشر تي پي تو سوچيو آ، ويچاريو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 68)

**ڇهڪ:** ڇِيرَ، وڍ، چيِاڙ

جنهن سان پنهنجو سور سليوسين، ڇاڪن کي تنهن ڇهڪ ڏنا
هاڻ اسان جا نيڻ اُجايل، پنهنجا ڳوڙها پاڻ پِين!

(ڏيئا ڏات جا:23)

**چوٽ:** عشق جي لغام، پيار جو حملو

ڪرٽن ڪاٽيا وير، گهاٽي گهايا گهوٽ
چاهت سندي چوٽ، صدقي ٿي ويا سنڌ تان،

(ڏيئا ڏات جا:127)

**چوٽ:** ڌڪ، ضرب

ڪو ڇا ٻہ چئي پر ارشد شاعر، سادو سودو صوفي هو،
هر چوٽ سنائين دل تي پر روح رنجائي ڪين سگهيو!

(ڏيئا ڏات جا: 27)

**چوٽ هڻڻ:** چيڙڻ، سٽل کي جاڳائڻ

ستل ساز، دل تي هڻي چوٽ هر هر!
خبر ناهي ڇا لاءِ ڇيڙيو ٿا سائين!

(ڏيئا ڏات جا:123)

**چور شڪاري:** چورن وانگيان لڪي ڇار وڇائي شڪار ڪندڙ کي چور شڪاري چيو ويندو آهي.

جهنگلي تتريءَ تاهه ڪاڏو ڦاٿي تنهنجي ڄار اندر،
چور شڪاري! ڏور ڇڪي وٺ مس مس تنهنجو داءُ لڳو.

(ڏيئا ڏات جا: 42)

**چيٽ فصل جي چانڊوڪي:** ٿڌي موسم جي اپريل فصل جي مٿان چوڏهين جي چنڊ جي چانڊاڻ

ڪيڏيو آهي ڪيف فضا ۾، مند تي مستي ڇا نئين آ،
چيٽ فصل جي چانڊوڪي، اي دوست! وري اڄ آئي آ!

(ڏيئا ڏات جا: 41)

**ڇيلهيون چور ڪرڻ:** تمام گهڻو ٿڪائي وجهڻ

محنت ماروئڙن جون، ڇيلهيون ڪيون چور
سنگهارن جو سور، چاڪ چڪائي دلين جا!

(آڇپي جي گيت جهڙي شاعري: 199)

**ڇانوَ:** پاڇو تيز اس کان بچاءُ، آڌر آسرو

زندگيءَ جي رهگذرتي
مان ڇپر هان، ڇانوَهان!

(آڇپي جي گيت جهڙي شاعري: 191)

**ڇَپَر:** منهن، لانڊي، ڍڪ

زندگيءَ جي رهگذر تي
مان ڇپر هان، ڇانوَ هان!

(آڇپي جي گيت جهڙي شاعري: 191)

**ڇيھہ:** پڄاڻي، دنگ، انتها،

سونهن اوهان جي انت نہ ڇيھہ،
نينهن نسورو منهنجي ذات!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:99)

**حائل ٿيڻ:** وچ ۾ رنڊڪ بنجڻ

اگر راهہ پنهنجي ۾ هائل ڪيئي ڪوٽ ٿيا
مگر ٿوڙي مان تن کي پيي پرين! ايندس اوهان تائين

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 94)

**حجاب جو پردو:** شرمساري ٿيڻ، پشيماني ٿيڻ،

اسان جو پيار زبان تائين اچي نہ سگهيو،
حجاب جو پردو وچان هٽي نہ سگهيو!

(ڏيئا ذات جا: 61)

**حُربا:** هٿ ناٺ

تشدد جا حربا هلايو سڀئي،
اسان کي دٻائي مچايو تہ مچجي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 220)

**حريت:** همت، حيثيت بچائڻ، ٻڏي

هڪ طرف گوليون لنيون ۽ ٻي طرف نعرا لڳا،
ڪجهہ حريت جو اسان ۾ حوصلو ڏسجي پيو،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 80)

**حُسن مجسم:** سونهن جو ماڊل نمونو سونهن جو مثال

اي حسن مجسم!جڏهن چنڊ جهڙي ڇهري مٿان
پردو ڪٽي جوانيءَ جي جلوه نمائي ڪئي
وجهي گهنڊ منهن ۾ جو گهوري ڏٺئي تہ گهائي ڇڏيئي!

(ڏيئا ذا جا: 108)

**حقائق:** حق، حقيقتون، سهي پهي صورتحال

ڪيئن موڙي پنهنجو منهن اهڙين حقائق کان اچا؟
ڪيئن ڇڏي ساري دنيا تنهنجو ئي بس مان ٿي رهان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 128)

**حڪمراني ڪرڻ:** حڪومت جي قيادت سنڀالڻ، بادشاهي ڪرڻ، مطلق العاني ڪرڻ

قوتِ جمهور آڏو تن کي آ جهڪڻو پيو
جي تشدد جي سهاري حڪمراني آهه ڪئي!

(ڏيئا ڏا جا: 43)

**حميت:** غيرت

هي مستي، شجاعت، هي شوقِ شهادت هي غيرت، حمييت
هي جرعت، هي همت هي ڌرتيءَ جي چاهت!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 136)

**حوارث:** حادثا

حوارث جي طوفان وسائي ڇڏيا،
اميدن جا ديپ!

(ڏيئا ڏات جا: 76)

**حوصلو:** هوش حواس، همت، قوت ارادي

هي شڪستون، تلخيون پر حوصلو ته به ناهه مڪو
ڇئه! نه مون آ راند هاري، زندگي سان سِرُ لڳي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 73)

**حويلي:** ڪن وڏن ماڻهن، بزرگن ۽ پيرن جي ٻارن ٻچن جي رهڻ جي جاءِ

جڏهن ڪنهن حويليءَ يا بنگلي اندر
جوانيءَ جو جوڀن ٿو لُٽجي وڃي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 180)

**حياتي جو حاصل:** زندگيءَ جي پونجي، عمر جي ڪئي ڪمائي

حياتيءَ جو حاصل سنڌ ۾ خواب خيال،
ٻيو جو بہ هو سو لُٽائي ڇڏيم!

(ڏيئا ڏات جا:45)

**حيلو:** عمل، وس، وسيلو

يا روز ۾ هيلو هوڏ هلاءِ،
يا گهاٽي اندر پيڙي ڇڏ!

(ڏيئا ڏات جا: 60)

**خاموشيءَ جي مُهر ٽٽڻ:** مان جو موضوع مٽجي وڃڻ، رنڊڪ دور ٿيڻ

خاموشيءَ جي مهر ٽٽي،
ڏور جبل تان برف رجي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 177)

**خاندان:** نسلي برتريءَ وارو ورتاءُ ڪرڻ

ملڪ جي محنت ڪش کي نوڪرون ئي ٿيون صيب،
پر اي ارشد مفت خورن خانداني آهہ ڪئي!

(ڏيئا ڏات جا:34)

**خداءِ لم يزل:** هر هنڌ ۾ هر وقت موجود هئڻ وارو يعني ”الله“

اهن جي ڏرتيءَ تي ڏاڍائي ڏسي، ٺهڪ شيطانن ڏنا،
۽ خداءِ لم يزل، ڀِريون دفعو روئي ڏنو!

(ڏيئا ڏات جا: 78)

**خزان:** بهار جي ابتڙ سرُ جي موسم، جنهن ۾ گل ڪومائبا ۽ وڻ

وئي ٿي پينگ چوڏاري ٽيي ڪن جو خيال آهي
خزان ويئي گلستان جي فضائي خوشگوار آهي

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 80)

**خلائون:** زمين ۽ آسمان جي وچ وارو ماحول

خلائن مان مون کي نہ آواز ڏي،
اجا ڪجھہ زمين تي رھڻ ٿو گھران!

(ڏيئا ڏات جا: 113)

**خواب راحت:** سڪون جو خواب، آرام طلبي

آھہ جھدِ مسلسل، ڪشمڪش ۽ امتحان،
ھي گلن جي سيج ناھي، خوابِ راحت ناھہ دوست!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري: 222)

**خوددار:** خود اعتماديءَ وارو، پاڻ تي ڀروسو رکندڙ

عشق خوددار آ، ان جي لڄ نہ ھرگز لوڙھجي،
پاڻ ھو مون سان ويو پرچي تہ منھنجو ڏوھہ ناھہ.

(ڏيئا ڏات جا:35)

**خوديءَ جو خول:** پاڻ پئي جو دائرو، وڏائي جي گھمنڊ ۾ قاٿل

خوديءَ جي خول مان، اجا ڪين نڪري سگھان،
۽ پنھنجي پرائي جي ساڃھہ بہ نہ ئي تن ۾ آھہ!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري: 187)

**خوشگوار:** خوشي بخشيندڙ، وڻندڙ سازگار

وئي ٿي پينگ چوڏاري، مگر ڪن جو خيال آھي،
خزان ويئي، گلستان جي فضائي خوشگوار آھي!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري: 80)

**خول ڍڪڻ:** سادي سودي ڳالھہ کي پردي ۾ ويڙھي مشڪل ڪري پيش ڪرڻ

خيالن تي ھڪ خول ڍڪي، تمثيل، علامت استعاري جو،
انقلابي گيت لکي پيو پوءِ بہ چون ٿا، جياپي سان ھو سوچو ناھي!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري: 147)

**خونخوار:** قاتل

مون کي نفرت آ سامراجي دلالن کان دوست،
مون کي نفرت آ هر ظلم کان، هر خونخوار کان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**خون ڪتوري ٻنجڻ:** حقن جي حصول لاءِ ڏل قرباني ۾ وهندڙ رت ۾ جي ۾ تہ خوشبوءِ هوندي آهي.

اڄ خون ڪتوري آهہ ٻنيل،
ءِ قولن ۾ سرهاڻ نہ آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 165)

**خيال خام:** اجايا ويچار، بيسود سوچون

فقط انسان آهيان، فقط انسان ئي رهندس،
ٻيا سڀ فلسفا سمجهان ٿو خيال خام اي ساقي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 96)

**خيانت:** هٿ چراند، امانت ضايع ڪرڻ، ويساهہ گهاتي

هت امانت جي اندر ٿيندي خيانت پيا ڏسون
دوستو! هر جاءِ تي هيءَ بدديانت پيا ڏسون!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 128)

**دار:** ڦاسي

مدتن کان پوءِ آهي ڪنهن صدا سر جي هئين،
مدتن کان پوءِ آهي ڪنهن پڪاريو دار کي!

(ڏيئا ڏات جا:119)

**دارون:** شراب، دوا، علاج، ٻلو

روپ، ننگر جا ماٺهو نڪتا انڌا، ٻُڙا، پٿر دل،
درد جو دارون ڪير ڪندو هت داڻهن نہ ڪوئي ورنائيندو!

(ڏيئا ڏات جا: 36)

**داستانِ دلخراش:** دکندڙ دل جو احوال، ڏکوئيل من جي ڪٿا

بند ڪر ارشد! تون پنهنجو داستانِ دِلخراش،
هاڻ اهلِ بزم جو هوش ۾ ڏيان لُتجي ويو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 95)

**دام:** قيد، جيل، بندش، غلامي

پڃي پورا ڪيو مون ڪيئن هي فولاد جو پڃرو،
ڪري ٽڪرا مون ڇو توڙيا؟ فرنگي دام اي ساقي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 96)

**دامنِ تار:** چولي يا قميس جو آڳو ڇيهون ڇيهون ٿيل يا لڙڪن ۾ آلو.

ڪنهن جا سينڌئو چاڪ اِتي،
سائين! سڀ ڪنهن دامنِ تار!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 203)

**دامن بچائي سگهڻ:** پاڻ کي آجو رکڻ، ويسا گهاتين مان پاڻ کي بچائڻ

مان بہ انسان، تون بہ انسان آهين،
جي دامن ڏانهن هٿ مون وڌايو آ پنهنجو
تہ تون پنهنجي دامن بچائي نہ سگهندين!

(ڏيئا ڏات جا: 110)

**داناءُ:** ڏاهو علم جو اڪابر، انسان شناس، دور انديش

ڪي اهڙا بہ مفڪر، داناءَ ۾ ڏاها پيدا ٿيا،
اسان کي ملي جن کان انسان جي عظمت جي سرت ۾ شعور!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 182)

**داءُ لڳڻ:** شڪار پاسڻ وارو ٿيڻ، قسمت کلڻ، وارو ورڻ

جهنگلي تتريءَ تاهہ آ ڪاڏو، ڦاٿي تنهنجي جار اندر،
چور شڪار ڏور ڇڪي وٺ، مس مس تنهنجو داءُ لڳو!

(ڏيئا ڏات جا: 42)

**دائود:** حضرت دائود عليه السلام، پيغمبر

مان رسول پاڪ جو ادنيٰ غلام، ماندعا دائود جي،
آس ابراهيم جي، مون محبت آهه عيسيٰ کان سکي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**درمانُ:** علاج، دوا، بلو، حل

جنهن جو زخمي روح ڏنو سون، تنهن جا وينا چاڪ سبون،
درد ۽ غم کان گهايل دل جو درمان بنجي آياسون!

(ڏيئا ڏات جا: 37)

**درهم برهم:** ڊانوا ڊول، ختم، تڙيل پکڙيل

اج رات رواجي رات نہ آ، هيءَ محفل درهم برهم ٿئي،
اج رات ٿي سوري سڏ ڪري!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 165)

**دز:** تمام باريڪ، نہ ڏسي، سگهڻ جهڙي مٽي، جيڪا هوا ۾ موجود هوندي آهي.

اي ڏرتي! تنهن ڏز هُئسِ
تو ئي مون کي مان ڏنو آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 166)

**دعوائون:** حق جتائڻ، مالڪي ظاهر ڪرڻ، هام هڻڻ

رات ڏناسون مئخاني ۾ رندن سان گڏ پيش امام،
دعوائن جا پول ٿيا پڌرا، ايمانن کي ڇا ٿي ويو؟!

(ڏيئا ڏات جا: 26)

**دعويدار:** حق جتائيندڙ، دعوا ڪندڙ

جنگ جي آ نانوَ کان پيي مون کي نفرت دوستو!
آهه نفرت آ هن جي مڪار دعويدارن کان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**دلال:** واپار ۾ وچ واري جو ڪردار، داءَ تي لڳائڻ ۾ مددگار

مون ڪي نفرت سامراجين جي دلالن کان اي دوست!

مون ڪي نفرت آهہ هر ظلم کان هر خونخوار کان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**دلِ بيچين:** بي آرام من، بي سڪون قلب

ادا سر آهيان گهڻو ئي اڄ پري ڏي جام اي ساقي!

دلِ بيچين کي شايد، ملي آرام اي ساقي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 96)

**دل تي ڌڙڪي:** ڪنهن جي ياد ۾ يا آمد جو تري دل کي هر پڙ ٿيندي آهي

تارن جي دل ڌڙڪي ٿي، جن کي گهاوَنِ گهايو آ،

رات بہ ڪنهن جي تات ۾ مون سان گڏجي راڻو ڳايو آهي!

(ڏيئا ذات جا: 38)

**دل جون گهرايون:** دل جي ورن ۾ ويهي وڃڻ، دل جي اونهاريءَ تائين رسڻ

منهنجي دل جي گهراين ۾ گيت سُريلو ڦڙڪيو ٿي،

اُٿلون ڪائي نيٺ اندر مان، منهنجي چپن تي آيو آ!

(ڏيئا ذات جا: 39)

**دلڪش:** دل کي وڻندڙ متاثر ڪندڙ

تنهنجي بهارن جو قسم،

دلڪش نظارن جو قسم!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 112)

**دلگير:** مايوس، سست، نا اميد

رات انڌاري، ڪاري ڪاري، منزل منهنجي ڏور اڃا

ڪرندا، ٿڙندا، هلندا هلجو متان ٿيو دلگير ميان!

(ڏيئا ذات جا:30)

**دُرِ عدن:** بهشتي زيور، بهشتي موتي

تنهنجي مٽي پيي سون آ، آهي بلڪ دُرِ عدن،
منهنجا وطن، پيارا وطن!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 112)

**دودن:** ان سومرن جي بادشاهہ دودي لاءِ جنهن سنڌ خاطر علاؤالدين خلجي سان وڙهندي روپا ماڙيءَ ۾ شهادت ماڻي.

سنڌ جي سورهي سپتن، نوجوانن کي سلام،
ديس جي دودن ۽ جوڌن، پهلوانن کي سلام!

(ڏيئا ڏات جا: 118)

**دوئي:** ٻيا ئي، ڪينو، بغض، بدنيتي

دوئي تن جي دل ۾، ميرا تن جا من،
نڳيا ملڪ نڳن، سچا ناهن سنڌ سان!

(ڏيئا ڏات جا: 129)

**ديپ:** ڏيئو، جيڪو سوجهري جي علامت هوندو آهي

چا ٿي پيو چوطرف اگر گهنگهور گهٽا جو گهيرو آ،
جو ديپ جلايو آهہ اسان، هر حال ۾ ان کي پرٽو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 78)

**ديوانہ وار:** بلڪل چرين وانگيان، جيڪو ٻي سوچ وچ ۾ حائل ڪرڻ نہ ڏي

منزل، مقصود ڏي هلندا هلو ديوان وار،
ڪنهن کي طاقت آهہ جو اسان کي مٽائي سگهي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 79)

**ديوانا:** چريا

يارو! سنت منصور جي ڪوئي تہ اسان مان جياري ها،
فوزانن جو حال نہ هو، پر ديوانن کي چا ٿي ويو!

(ڏيئا ڏات جا: 26)

**ديوتا:** پاڪ پوتر، پوڄڻ لائق

سِرُ جهڪي نيت ويو جسنِ ازل آڏو،
مون ڏٺو صورتِ انسان ديوتا ماڻهو!

(ڏيئا ڏات جا: 62)

**ڏوتا:** بهروپي، منافق، دوکيباز

هي ڏاريا ڏوتا ڌرتيءَ جا، اڄ توڙيو تن سان لاڳاپا،
هر ڏاريو ڳنڍيل دشمن سان آ، ڏاريو آخر ڏاريو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 69)

**ڏوڪڻ:** زوري ڪاهي اچڻ، اڻ ٿر دٻاءُ وجهڻ

چؤطرف دنيا جي محڪومن بغاوت آهه ڪئي،
قيد خانن ۾ به ڏوڪيندا اچن پيا انقلاب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 116)

**ڏات:** چوڻ جو ڏاءُ، تخليقي صلاحيت

سوچ تي ڳوري چپ ڪري پئي، ڏاهپ بنجي وئي آ ڏوهه،
ڪوريءَ مان ئي ڏات تپائي، سوچن ڪي اڄ جرڪايو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 70)

**ڏاتار:** روزي ڏيندڙ يعني الله

وڏيري تي ڏاتار جو ٿئي ڏهر،
خدايا انهن تي پلي تهر ڪر.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 124)

**ڏات:** پوڳنا، ڏکن ۾ سورن مان جڙيل

ڏات منهنجي زندگيءَ جي ڪرب جو اظهار آ،
ڏيهه تنهنجي ڳالهه ساري زندگيءَ سان سُر لڳي!

(ڏيئا ڏات جا: 208)

**ڏاڍ:** ظلم

ڏاڍ، ڏهر، ڏهڪاءَ ۾، دولهہ ٿيا نہ دلگير،
ڦريا ڪين ضمير، گهاٽي پيڙيون جندڙيون

(ڏيئا ڏات جا: 127)

**ڏاڍي جي لٺ:** ظالم جو خوف، مطلق العنان جي ڪوڙي راءِ بہ سچي

گهاٽي اندر گهمسان، ڏاڍي، لٺ ڏري پئي،
ڏرتيءَ جي انسان مات نہ کاڌي موت کان!

(ڏيئا ڏات جا: 127)

**ڏاها:** عقلمند

ڪي اهڙا بہ ڏاها، مفڪر ۽ داناءَ پيدا ٿيا،
اسان کي ملي جن کان انسانيت جي عظمت جي سرت ۽ شعور

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 182)

**ڏاهپ:** سياڻپ، عقلمندي، سوچ ويچار

سياڻا ماڻهون ڇا پيو سوچين ڏاهپ تي آ ڏيهہ چڙيل
وهہ جا پيالا پيڻا پوندئي، سوريءَ تي سر ڏيڻو آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 78)

**ڏٺو ڪرڻ:** عيب ظاهر ڪرڻ، ڳجهہ کولڻ، راز پڌرا ڪرڻ، شرمسار ڪرڻ

ڏٺو ڪين توکي ڪندس ڏيهہ ۾،
سند ۽ يار پردن ۾ پاليان پيو!

(ڏيئا ڏات جا: 122)

**ڏڍ:** آسرو، اميد، همٿائڻ

هن جو اڄ مهراڻ، اٿلون ڪائي اوڇتيون،
جروهي پيو اکين مان ڪنهن پرديءَ جي ڪاڻ،
پريم اچي پاڻ، ڏيندو ڏڍ هن ڏيل کي!

(ڏيئا ڏات جا: 131)

**ڏيڏجاڻ:** آڻڻ ڏجاڻ، همت وڌائجان، پر جهلائي ڪجاڻ

تو در ٿو مان جهول جهليان
ڏرتي مون کي سگهه ڏجاڻ
ڏات سان گڏ کو ڏيڏ جاڻ

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 163)

**ڏيڏيڻ:** آڌر ڏيڻ، آسرو ڏيڻ، پروسو ڪرائڻ

پنهنجي ارشد تي سوائين دعا جا هٿڙا ڦير جاڻ
پيو ٽڙڪن تون سنڀالج، ڏيڏجان صدقي وڃان

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 66)

**ڏکن ۾ ڏرڻ:** درد جي پيڙا پوڳڻ، اذيت پريا ڏک سهڻ، لوڙڻ

ڏکن ۾ ڏرن ته بہ ڪڏهن اف نہ ڪن،
حياتيءَ جي گهاٽي ۾ ٿا پيڙجن،

(ڏيئا ڏات جا: 45)

**ڏمر:** خار، ڪاوڙ ظلم، ڏاڍ، رز آوري

ڏاڍ، ڏمر، ڏهڪاءَ ۾، دولهہ ٿيا نہ دلگير،
ڦريا ڪين ضمير، گهاٽي پيڙيو جندڙيون.

(ڏيئا ڏات جا:127)

**ڏهڪاءُ:** خوف، حراس

ڏاڍ، ڏمر، ڏهڪاءُ ۾، دولهہ ٿيا نہ دلگير،
ڦريا ڪين ضمير، گهاٽي پيڙيون جنديون!

(ڏيئا ڏات جا: 127)

**ڏوٿين:** ٿر جي گاهن کي ڏٿ ۽ انهن کي ڪائيندڙن کي ڏوٿي چئبو آهي

ڏاڍ ڏمر جي ڪوڙ ۾ رهندي ڪيسين آخر قيدياٽي
سانگين، جهانگين، ڏوٿين، ڳوناٽن کي چاتي ويو؟

(ڏيئا ڏات جا: 26)

**ڏور ڇڪي وٺ:** شڪاري ڄار وڇائي ڏور ڍلي ڪري لڪي ويهندو، شڪار لڳڻ سان ڄار جي ڏور ڇڪيندو ته شڪار ڄار ۾ سوگهو ٿي ويندو

جهنگلي تتريءَ گاهه آڪاڏو ڦاٿي تنهنجي ڄار اندر
چور شڪاري ڏهر ڇڪي وٺ مس مس تنهنجو داءُ لڳو!

(ڏيئا ڏات جا: 42)

**ڏهيسر:** ڏهن سرن وارو، بهادر، ديوتا جو قسم

هي جوڌا، هي دودا، ڏهيسر جوان،
هي شاگرد ۽ هاري، هي پورهيت عوام!

(آڄپي جي گيت جهڙي شاعري: 219)

**ڏيل:** هنيو، من، جسم، بوتو

هن جي اڄ مهراڻ اڇلون ڪاڏيون اوڇتيون،
جروهي پيو اکين مان ڪنهن پرديسيءَ ڪاڻ،
پريم! اچي پاڻ، ڏيندو ڏڍ ڏيل کي.

(ڏيئا ڏات جا:131)

**ڍال:** جنگ ۾ تلوار جي ڌڪ کان بچڻ لاءِ لوهي پڙچ ڇاتيءَ تي تلوار جي ڌڪ پچائڻ لاءِ رکيل هوندي آهي.

جڏهن وار آهي وطن تي،
ته ڌرتيءَ جي آڏو بنيا ڍال ماڻهون!

(ڏيئا ڏات جا: 48)

**ذلت:** رسوائي، بي عزتي

زمين تي هي ذلت، غلامي ۽ بيوسي!

(آڄپي جي گيت جهڙي شاعري: 183)

**رت جو دانگيءَ تي ورڻ** (چوڻي): پنهنجي جو کهڪاءُ پئجي وڃڻ، احساس ٿيڻ، ساڃهه اچي وڃڻ.

جو رت وري ٿو دانگيءَ تي،
تنهن رت نہ توکي ڇڪ ڪئي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 109)

**رباب:** ساز

وقت آيو جنگجائي رِجِزَ گائڻ جو وري،
پيار جو ڳالهيون ڇڏيون ٿوڙيو چنگ و رباب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 118)

**رجز:** جنگي ترانا، ڪيڏارو

وقت آيو جنگ جائي رِجزَ ڳائڻ جو وري،
پيار جون ڳالهيون ڇڏيو ٿوڙيو سيئي چنگ و رباب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 118)

**رسومات و رواج:** ريتون رسمون، سنئوڻ، پَرِ

جبر وا استبداد جو اڃا دوستو! ساڙيو سماج،
هي غلاميءَ جا مِٽايو سڀ رسومات و رواج،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 122)

**رسوائي:** جُٺ، گلا، بدنامي

جڳ جا طعنا، مٺا سُٺا! تنهنجي ڪارڻ سَهِٺا پيا،
عشق اسان تي سولو سمجهيو عشق سچو رسوائي آ!

(ڏيئا ذات جا:41)

**رشتو:** لاڳاپو، نسبت، ڳانڍاپو

اسان فن جو رشتو وطن سان ڳنڍيو آ،
هي ناتو ڪڏهن پيي ٽٽي ڪين سگهندو!

(ڏيئا ذات جا:118)

**رعنائين سان:** هشاش بشاش، سونهن سوڀيا سان

جتي زندگيءَ پنهنجي رعنائين سان، مسرت جي مستريءَ ۾ جهومي ۽ جهولي!

(ڏيئا ڏات جا: 77)

**رقيب:** ساڳئي هڪ محبوب جو ٻيو عاشق، جنهن کي پهرئين سان حسد ٿيندو هجي

وري عشق وارن جي چر پر تي بندش وڌي آهه وئي،
حسينن جي ٻويان سڄي شهر جي اج رقيبن ڇڏيا جاسوس پنهنجا آهن!

(ڏيئا ڏات جا:81)

**رنجور روح:** دکايل دليون، ويڳاڻا من

جياپو جليو، روح رنجور ساڳيا،
اجا نينهن وارن جا ناسور ساڳيا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 86)

**رنگ رتول:** پرهه جا افق وارا ڳاڙها رنگ، رنگن ۾ ڇتائي

اوڀر طرف اُڀ ڏي ٽڙيا رنگ رتول
تون ڀي اکڙيون کول، ننڊا اکڙا نينگر!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 135)

**رمندو وڄڻ:** هليو وڃڻ، اڳتي وڌڻ

بوند بہ ڀُلجي ڪا نہ وسي، ويتر منهنجي اج وڏائي،
رمندا واسين روح سڪائي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 150)

**رواجي:** معمول مطابق، جيئن عام طور تي ٿيندو هجي

تارن جي دل ڌڙڪي ٿي اج رات جي رواجي رات نہ آ،
هيءَ محفظ درهم برهم ٿئي اج رات ئي سوري سڌڪري!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 165)

**رڻ ڳجيو راڙو ٽيو:** باهه ٻري وئي، جنگ ڇڙي پئي ۽ آهه و پڪارون ٻڌڻ ۾ آيو.

راڻ ڳجيو راڙو ٽيو ۽ ڄام شوري مان اٿيا ڪارا ڪڪر،
اڌ اگهاڙي مارئيءَ جو لاش لهرن ۾ لُڙهيو،
امن جو مهراڻ ٻيي ڄڻ رت جو درياهه ٿي ويو!

(ڏيئا ڏات جا: 79)

**روپ ننگر:** سهڻن ماڻهن جي رهڻ جي جڳهه، سونهن جا بنياد

روپ ننگر ۾ ڪال وفا جو، سوچي سمجهي پيار ڪجو،
اڄ جو رانجهو وِهہَ جو پيالو پئي ٿو، جنهن هير هٿان!

(ڏيئا ڏات جا:30)

**روپ نرالو:** نئين نموني جي شڪل شبيهه، انوکو پن

هر ڪنهن ماڻهوءَ روح مطابق روپ نرالو ورتو آهي،
پيڙينڊڙ ٻيي ماڻهون آهن، پيسجن ٿا ويچارا ماڻهو

(ڏيئا ڏات جا:31)

**روح ازل:** پيدائش ڪندڙ جوهر

مان لِباسِ ادميت ۾ لڪل روحِ ازل!

(آچيي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**روڳ:** عذاب، ڀوڳنا، پيڙا

زندگيءَ راڳ آهي، زندگي روڳ آ،
زندگي آهي حقيقت، زندگي هڪ ڀوڳ آ!

(آچيي جي گيت جهڙي شاعري: 172)

**رهنما:** ليڊر، راهه ڏيکاريندڙ، چڱا مڙس، رهنمائي ڪندڙ

انهن هر قدم تي آ ڌوڪو ڏنو،
وٺا ٺڳ هئا رهنما، يا خدا!

(آچيي جي گيت جهڙي شاعري: 74)

**زَدَ ۾ اچڻ:** سامهون رنڊڪ بنجڻ، مقابلي ۾ اچي وڃڻ

باهه آخر باهه آهي، باهه سان ڪنهن جي آواهه،
باهه جي زد ۾ جو ايندو، نيٺ ٿيندو سو تباهه!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 120)

**زرپرست:** پئسي جو پوڄاري، مفاد پرست

دوست! مون کي آهه نفرت هن سڄي سنسار کان،
وقت جي سرمائيدار، زرپرست زردار کان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**زردار:** سرمائيدار، پئسي وارو، شاهوڪار

دوست مون کي آهه نفرت هن سڄي سنسار کان،
وقت جي سرمائيدارن، زرپرست زردارن کان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**زلف:** وار

هٽايو زلف رخ تان، هٽايو نور تان ظلمت،
سيهه زلفن جي اوندهه ۾ شبستان چو ويا گهٽجي،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 93)

**زمان و مڪان:** وقت ۽ وٿي يا جڳهه

”۽ اهلِ جنون جو مگر قافلو زماني جي ڪائي نه پرواهه ڪيندي زمان ۽ مڪان جي سيِن سرحدن کي لتاڙي ۽ رسمن رواجن جا ستور ڦاڙي هليو ويندو اڳتي، گهٽو ئي پري!

(ڏيئا ڏات جا:82)

**زنبور:** حضرت دائود عليه اسلام تي لٿل آسماني ڪتاب

مان دنيا لئه وير ۽ قرآن جو سنديش هان،
روح مان توريت جو پنهنجو من چڻ آ زنبور،
پيار جو انجيل آهي، منهنجي جيون جو ڪتاب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 190)

**زندان:** قيد، پابندي، بندش، جيل

ڪاري ڪوٺين ۾ اسان کي ٿي ٿئي جوت جلوي جي نصيب،
زنجيرن کي ڇا ٿي ويو؟ زندانن کي ڇا ٿي ويو؟

(ڏيئا ڏات جا: 28)

**زيردام:** سوگهو ڪرڻ، قابوءَ ۾ آڻڻ،

اسان جي هستي اوهين ميون نہ ميون
اان تہ ستارن کي بہ زيرِ دام ڪيو!

(ڏيئا ڏات جال 121)

**ساڃاهہ:** پرک، ڄاڻ، عقل، شعور،

سنڌ جي ساڃاهہ مون کي سن جي سائين کان ملي
شاهہ جي هر بيت جي هر سٽ مٿان صدقي وڃان

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 65)

**سازشون:** فوت، چالون، هٿ ناٽ، ڦڏي فساد جون تياريون

شورشون ۽ سازشون، گهمسان پنهنجي شهر ۾،
روز ڪسجن پيا اسان جا جوان پنهنجي شهر ۾،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 67)

**ساز دل:** دل جي ساز يا دل کي ساز ڪري پيش ڪيو ويو اهي.

ستل ساز دل تي هٽي چوٽ هر هر،
خبر ناهہ ڇا لاءِ ڇيڙيو ٿا سائين!

(ڏيئا ڏات جا: 123)

**ساسي:** ساهہ وارو

ڪير ڪنن ۾ ڪاهي پئي،
ساسيءَ ي جيئدان ڏئي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 147)

**ساگر:** اونهو ۽ گهرو پائي

خيالن جي لهرن تي آهيان سوار
ائين جيئن ڪا ساگر تي ٻيڙي تري!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 87)

**سامراجي:** سرمائيداريءَ جي چوٽي حاصل ڪندڙ ملڪيت سان گڏوگڏ انتظامي معاملن تي بہ دسترس رکڻ.

مون کي نفرت آهہ سامراجي دلالن کان اي دوست!
مون کي نفرت آهہ هر ظالم کان، هر خونخوار کان،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**سانتيڪي:** خاموش، چُپ چُپاٽ

اڄ ڪيڏي سانيتڪي، ڪيڏو وهشت ناڪ سناٽو
خاموشيءَ ئي خاموشي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 169)

**سانچو:** قالب، ماپو ڍانچو

سڪ جي سانچي منجهہ غزل
ارشد ويندي گهڙجي ڏات.

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 97)

**سانگو:** لاڳاپو، اون

مون ساڻ هلڻ ٿو چاهين، پر سر جو سانگو لاهي آ
اي دوست وڃي ٿو مقتل ڏي جو رستو مون اختيار ڪيو

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 76)

**ساهہ چپن تي اچي وڃڻ:** سڪرات، موت کي ويجهو پهچي وڃڻ

پرين منهنجا تو بنا جيئڻ آهہ جنال،
هيٺا ٿيڙم حال، رسيو ساهہ چپن تي

(ڏيئا ڏات جا:123)

**سايو:** پاڇو

تون اي پُٽ! منهنجي دعائن جي سايي ۾ پلبو رهيو آن!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 188)

**ستم:** ظلم، ڏاڍ، نا انصافي

اڄ زوراور جو زور ڏسي ڇو هانءُ تون پنهنجو هارين ٿو،
هي ڏاڍ جو ڏونگر ڏرٽو آ، هي ڪوٽ سشتم جو ڪرٽو آ.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 78)

**ستمگر:** ظالم، ڏاڍ ڪندڙ، راتاها هڻندڙ

جڏهن به ڌرتيءَ جي ٻچن تي ستمگر،
ڪوئي وار ڪيو يا ستايو آهي!

(ڏيئا ڏات جا:120)

**سِپَ جيان پئي سِڳَ سَڙي:** سپ سمنڊ ۾ باڙو پاڻي نہ پئيدي آهي، ان ڪري ان کي مينهن پوڻ جو انتظار هوندو آهي، منهن جو پاڻي پي اڃ لاهيندي آهي ۽ موتي بڻائيندي آهي.

سپ وانگي ٿي سڪ سڙي، بادل بنجي برسي پئہ!
يا نہ اڇين ها او پرديسي، آيو آهين ترسي پئہ!

(ڏيئا ڏات جا: 107)

**سپوت:** سر قربان ڪندڙ

جيون جي انڌيرن راهن تي ڌرتيءَ جي سپوتن رت ڏنو،
جا جوت جلائي آ ان کي، ڪو واءُ وسائي ڪين سگهيو.

(ڏيئا ڏات جا:27)

**سييتا:** تهذيب، ثقافت، ٻولي، قومي قدر

مان شري ڪرشن ۽ گوتم جي سييتا جو امين!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**سخت تر:** سخت معنيٰ ڏکيو "تز اصطلاح سان معنيٰ ٿيندي وڏيڪ ڏکيو.

سخت تر ماحول ۾ پيي، عزم اڻ ٽر ئي رهيو
ڪير پيي ان جي ارادي کي نہ بدلائي سگھيو!

(ڏيئا ذات جا: 119)

**سراپا:** ننهن کان چوٽيءَ تائين، سموري جو سمورو، مڪمل

مان سراپا خير هان، مان اهنسا جي علامت،
هر ڏڪاريل روح کي سام مون ئي آ ڏني.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 190)

**سرحدون:** دنگ، شان، چيناري وارو هنڌ.

سنڌ تنهنجو سرحدون سڀ ساهہ کان پياريون اٿم،
ڇا ڪراچي تنهنجي هر هڪ انچ تان صدقي وڃان

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 65)

**سرِ رهگذر:** رستي ويندي ويندي، رولن جيان رلندي رلندي

سرِ رهگذر ڪنهن جي در جو هي نوڪرا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 138)

**سرگوشيون:** خوشحاليون، هڪ ٻئي ۾ حال اورڻ

افق تي ستارن جون سرگرميون،
خطرناڪ چرپر، نيون سازشون.

(ڏيئا ذات جا: 71)

**سرمائيدار:** وڏين ملڪيتن وارا

دوست مون کي آهہ نفرت هن سڄي سنسار کان
وقت جي سرمائيدارن، زرپوست زردار کان

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**سرهدن:** هندستان جي بادشاهہ دارا جو صوفي دوست جيڪو اڀيچند تي عاشق هو ۽ اگهاڙو رهندو هو، ڪيس فتويٰ مطاقت شهيد ڪيو ويو هو

آهہ نوڪِ دار ڪي اڄ سهدن جو انتظار.
اڄ وري منصور ڪي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ٿو وڃي!

(ڏيئا ڏات جا: 119)

**سرويچ:** سرقربان ڪرڻ وارو

آءُ تہ ڇيڙيون ڳالهيون ارشد ڏرتيءَ جي دل وارن جون،
منصورن ۽ سقراطن جون، سرويچن ۽ سچارن جون!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 72)

**سرير:** جسم، جُسو جيءُ، جان

پيرين پيل پيڪڙا، سنگهرن منجهہ سرير
گهاٽي لٽ لُڏي وئي، ڦريا ڪين صغير
هن ڌرتيءَ جا وير، ڪيڏا پختا قول جا!

(ڏيئا ڏات جا:127)

**سراپ:** خوف، حراس

ايٽم جي هن دور اندر،
جنگ جو ڪيڏو آهہ سراپ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 175)

**سراٽي:** جنهن تي ڪاٽ، ڇريون ۽ ڪئنچيون تکيون ڪبيون آهن.

سوري، سچ جي آهہ سراڻ،
جنهن تي جندڙيون جرڪن ٿيون!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 176)

**سُرت:** ساڃهہ، سوچ ويچار، هوش حواس

منهنجون سوچون فڪر، اڏام، منهنجي جاڻ ۽ سرت شعور
ڪوريئڙي جا ڄار نهيل!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 168)

**سر ترِي تي رکڻ:** قرباني لاءِ تيار رهڻ

ديس جي ذرتي کي وئي ڏبي وئي، وي اچي ٿرٿلو
سر رکي پنهنجا ترين تي آهه نڪتو قافلو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 114)

**سِرَ جي بازي لڳائڻ:** هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿي بيهڻ

هيءَ سر ڌڙ جي بازي وڏي ڳالهه ناهي،
اهڙا تنهنجا احسان ڪيئن لاهيان!

(ڏيئا ڏات جا:44)

**سرحي صدا هڻڻ:** اهو فقير يا صداڪار جيڪو سر گهرندو هجي

مدتن کان پوءِ آهي ڪنهن صدا سِرَ جي هئين!
مدتن کان پوءِ آهي ڪنهن پڪاريو دار کي!

(ڏيئا ڏات جا:119)

**سرشتو:** انتظامي طريقو

نئون ذهن، نئين دوچ، نئون ولولو
پراڻي سرشتي کي ڊاهي چڏيا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 175)

**سر قلم:** قتل ڪرڻ، ڌڙ کان سوڌار ڪري ڇڏڻ

تو ڏي ڪنهن جنهن جو نظر
سر ٻي ڪنداسين قلم!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 112)

**سر راهه:** رستن، گهٽين ۽ ڪوچن ۾

سر راهه ٻاٻين کي ڦاسيون ڏبيون،
اسان ظلم سان جنگ جوٽي ڇڏي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 229)

**سُريلي گيت جي انداز ۾ ڦٽڪڻ:** هڪ سندر گيت جي جڙڻ ۽ اظهارجڻ جي ڪرب

منهنجي دل جي گهراين ۾ گيت سريلو ڦٽڪي ٿو
اٿلون ڪائي نيٺ اندر مان منهنجي چپ تي آيو آ!

(ڏيئا ڏات جا: 38)

**سِري ڪرشن:** هندو مت جو اوتار

مان سري ڪرشن ۽ گوتم جي سپيتا جو امين!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**سقراط:** يونان جو فلسفي، جنهن کي سچ چوڻ جي ڏوهه ۾ زهر جو پيالو پياريو ويو هو

آءُ ته ارشد ڇيڙيون ڳالهيون ڌرتيءَ جي دل وارن جون،
منصورن ۽ سقراطن جون، سروبچن جون سچارن جون،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 72)

**سڪوت جو عالم:** سنسانيءَ وارو ماحول

رات بيحد اداس آهي، هر طرف آهه خاموشي طاري
هر طرف آ سڪوت جو عالم، هر طرف ڇانئجي وئي اوندهه
خوف ناڪ ٿي پيو آهه ماڻحول!

(ڏيئا ڏات جا:99)

**سگهه ڏجانءِ:** قوت بخشجانءِ، همت ڏجان، دل ٻڌرائجانءِ

تو در ٿو مان جهول هليان، اي ڌرتي! مون سگهه ڏجانءِ،
ڏات سان گڏ ڪو ڏانءُ ڏِجانءِ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 167)

**سماجي سرشتو:** گڏجي رهڻ جا طور ۽ طريقا

سماجي سرشتي جي تاريخ انسان ڪي،
طبقن جي بنياد تي ورهائي ڇڏيو آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 181)

**سمبال:** اهڃاڻ، نشاني، مثال

سونهن ۾ سرهاڻ جو سمبال منهنجي شاعري
سوچ ارشد جي سگهاري، زندگيءَ سان سِرُ لڳي.

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 73)

**سناٽو:** خاموشي، سونسان

شهر سجي تي سناٽو آ، آخر ڇو آ، آخر ڇو آ،
شهر کي وئي پئڙ پي، سوچيان ٿو ڇا ٿي ويو هي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 150)

**سنديش:** پيغام، نياپو، حال احوال، ادريش صلاح

زندگي! زندگيءَ جي شاعرن جي شاعري،
جنهن ۾ ڪو سنديش آ زندگيءَ جي سوچ آ،
سوچ سان گڏ لوچ آهي، فڪر جي نئين تازگي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 172)

**سنت جيارڻ:** ريت پت پارڻ، تسلسل قائم رکڻ

ورهن کان وفا جي راهن تي زنجير نہ ڪنهن هو ڇڻڪايو،
مون مقتل جي اڄ واٽ وٺي منصور جي سنت جياري آ

(ڏيئا ذات جا: 24)

**سندر:** سهڻو، خوبصورت، وڻندڙ

ماڪ ڦڙن کان اجرو گيت، دل تي چاهي،
تارن کان پيي سندر سندر گيت لکان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 167)

**سِنڌور:** رت جي رنگ جهڙو پورو، جيڪو عورتون سونهن ۽ سينگار خاطر وارن کي لڳائينديون آهن، خاص ڪري سينڌ ۾

منهنجي ٻُڪ ۾ منهنجو رت، سنڌور کان سُرهو امڙ
سينڌ تنهن ٿو سنواريان منهنجي پياري سنڌڙي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 66)

**سنسار:** هي دنيا، ڪائنات، فطرت جو نظام

منهنجو دم مهراڻ جون چوليون ڇلايو ٿو سگهي،
ظلم جي سنسار ۾ محشر مچايو ٿو سگهي!

(آڇپي جي گيت جهڙي شاعري: 79)

**سنگتراش:** پٿر کي گهڙي ان مان مورتيون ٺاهيندڙ

جڻ ته پٿر مان گهڙيو توکي ڪنهن سنگتراش،
هيڏي سنسار ۾ آ ڪنهن جي به نه جنهن کي تلاش!

(ڏيئا ڏات جا: 62)

**سنگتياڻي:** مرد دوست کي سگتي ۽ عورت پنهنجي سهيلي کي سنگتياڻي چوندي آهي.

سالن کان سنگتياڻي آهي، شرم حيا جي پُتلي آهي!
عورت ناهي، ديوي آهي!

(ڏيئا ڏات جا: 102)

**سنگسار:** پٿرن سان مارڻ

سچائي جي خاطر سر راهه ٿيڻو پيو سنگسهار،
محبت جي خاموش رهڻ تي توڙي،
ڪي ديوانا ڪڏهن ٿي آيا نظر، مگر منتشر!

(ڏيئا ڏات جا:72)

**سنگم:** ميلاپ، گڏجڻ، ڳانڍاپو

پيار جي سنگم جا پڌڻ، ڪو نه ٿو تري سگهي

(آڇپي جي گيت جهڙي شاعري: 143)

**سنگهرون:** ٿلهيون زنجيرون

پيرن پيل پيڪڙا، سنگهرن منجهه سرير
گهاٽي، لٿ لڏي وئي، ڦريا ڪين ضمير
جن ڏرتيءَ جا وير، ڪيڏا پختا قول جا!

**سوپيان:** ذميواري ڏيان، ارپيان

جو گيت مون تو لئہ آهہ لکيو سو گيت مان توکي سونپيان ٿو

هي گيت سنيالي سانديي رکجان!

(ڏيئا ڏات جا: 92)

**سوچ سِميٽڻ:** ويچارن جو وچور ڪيڻ، گڏ ڪرڻ

ڏرتي تنهنجي محورتي سوچ سميٽي پنهنجي مون،

تو ڏي موٽي آيون لهرون وڪريل وڪريل ويچارن جون،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 72)

**سوچن جي ساگر جي گهراين ۾:** ويچار جي بحر عميق جي بي انت اونهائيءَ ۾.

سوچ جي ساگر جي گهراين ۾، هيءَ دل ڪنهن جي ڳولا ۾ نڪري وئي هي،

گهٽي وقت ڪان ڪين موٽي سگهي هي!

(ڏيئا ڏات جا: 111)

**سوچن جو سِرجڻ:** صحيح خيالن جو ڏکين وقتن ۾ پيدا ٿيڻ

اج بہ ڪوٺن هيٺ هٿ، سوچون ٿيون سرجن،

موڙها مت ڏين، ڏاهن گهاٽي پيڙجي!

(ڏيئا ڏات جا:129)

**سوداگر:** واپاري، ڏيتيءَ ليتيءَ وارو، سودو ڪندڙ

سنڌ ٿي آزاد ناهي، هي خوشيون ڇا جيون پلا،

سنڌ سان سوداگرن آ اج نئون سودو ڪيو

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 217)

**سوداءُ:** ڳڻتي، فڪرمندي، خيالن جي جهنجوڙ جو رد عمل

سچ ڏينهن ڪنهن خيال ويچار ۾،

سجو ڏينهن سوداءَ، پڇتاءَ ۾،

اڪيلو پريشان گذارين ٿو ارشد!

(ڏيئا ڏات جا:93)

**سورهيه:** بهادر

سنڌ جي سورهيه سپوتن نوجوانن کي سلام،
ديس جي جوڌن ۽ دودن پهلوانن کي سلام!

(ڏيئا ڏات جا:118)

**سوز:** گداز، سرور، مزو

زندگي! ساز به آ ۽ زندگي سوز به آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 172)

**سوغات:** سوکڙي

ايندي آهي ڏات کٽي،
ويندي آ سوغات کٽي!

(ڏيئا ڏات جا:103)

**سوڳوار:** ڏکويل، غمگين

زمين ٿي اوندهه ۽ انڌوڪار،
مضا آهه بنجي وئي سوڳوار،
مهاندا لٿل!

(ڏيئا ڏات جا: 71)

**سوڳند:** قسم، ساک،

پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي!
منهنجو آ سوڳند
توڙي ڪٽجي ڪنڌ، پوءِ به نعرا نينهن جا

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 195)

**سهڪار:** مدد، هٿ ونڊائڻ

جتي سچ ايري ٿو سهڪار جو،
انهيءَ ڏيهه تان ڏيهه گهري چڏيان.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 75)

**سُهُمُون:** اذيتون، چڙٻون، ڏڪار جا اظهار

قدامت پرستن جا طعنا ۽ سهمون ۽ تعذير، تڪفير، فتويٰ
نوان ڪوس گهر هر روز اسان لاءِ سينگار جن ٿا،
اسان کي سدائين آ لوبو ويو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 186)

**سيهہ پردا:** اونداهي، گهپ اوندهہ

ظلمت شب ٿين جيسين پردا تار تار
جيستائين رات آ ساڙيو اچو رت جا چراغ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 120)

**سيهہ زلف:** نيور ڪارا وار

هٽايو زلف رخ تان، هٽايو نور تان ظلمت،
سيهہ زلف جي اونداهہ ۾ شبستان ڇو ويا گهٽجي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 93)

**سيلاب:** سيڪُ، ٻوڏ

زندگيءَ نالو آ سيلابن ۽ طوفانن جو دوست!
زندگي نالو غمن، صدمن ۽ ارمانن جو دست!

(ڏيئا ڏات جا:120)

**سينڌ سجائي:** وارن جي وچان سينڌ ڪي ٺاهي سينگاري

سُرهي سرهي سينڌ سجائي، پاڻ ئي پنهنجا سهرا ڳائي
ڍيل جيان سان ٿلندي ٿلندي، مور جيان سان نچندي نچندي
روز اسان وٽ ايندي آهي!

(ڏيئا ڏات جا: 103)

**سنڌ سنوارڻ:** خوشحالي موٽائي ڏيڻ، عزت بحال ڪرائڻ

منهنجي ٻڪ ۾ منهنجو رت، سنڌور ڪان سهڻو امڙ!
سينڌ تنهنجي ٿو سنياريان، منهنجي پياري سنڌڙي،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 66)

**سينا زوري:** هوڙهيائي، اڳرائي، بنا جواز چڙهائي، راتاها ڏيندڙ

هٿ راڄ هلي ٿو چورن جو،
۽ ڏاڍن سينا زورن جو!

(ڏيئا ڏات جا:55)

**سيڻ:** مٽ مائٽ

جوڳين سان تو پنهنجي جندڙي ڪيئن اڙائي ارشد يار،
ديسي بيشڪ سيڻ ڪجن پرديسي ڪنهن جا ڪين ٿين!

(ڏيئا ڏات جا: 23)

**شاستر:** هندومت جا مقدس ڪتاب

سڀن شاسترن ۽ صحيفن ۾ آهي لکيل،
تہ آدم کي مٽيءَ مان ئاهي جڏهن روح پنهنجو خدا هو وڌو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 183)

**شبستان:** انهن جا ديسن جا رهاڪو جيڪي اوندهہ جي گهيري ۾ هجن

هٽايو زلف رخ تان، هٽايو نور تان ظلمت
سيهہ زلفن جي وندهہ ۾ شبستان چو ويا گهٽجي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 93)

**شجاعت:** بهادري، رعب تاب، دٻدٻو، طاقت جو مظاهرو

هي مستي سجاعت، هي شوق شهادت، هي غيرت، حميت
هي جرعت، هي همت، هي ڏرتيءَ جي چاهي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 136)

**شعور:** ساڃاهه، ڄاڻ، عقل

زندگيءَ جو هڪ دفعو جنهن کي بہ حاصل ٿيو شعور
هيءَ چئي تنهن جان واري، زندگيءَ سان سِرُ لڳي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 73)

**شفاف:** اجرو جنهن جي آرپار ڏسي سگهجي

صاف ۽ شفاف، اجورا دل جا آئينا ٿين،
سن جو پاٽي ٿو پيارِيان منهنجي پاري سنڌڙي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 66)

**شفق:** شام سج لهڻ وقت جي لالاڻ

شفق کي لالي لڳي آهي،
ڪجهہ روشني چمڪي آهي،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 214)

**شڪاگو:** آمريڪا جو اهو شهر جنهن ۾ مزدورن پهرين مئي تي ڇهن ڪلاڪن ڊيوٽي مڃرائڻ لاءِ هڙتال ڪئي، جنهن ۾ ڪيترائي شهيد ٿي ويا پر بين الاقوامي طور ڇهن ڪلاڪن جي ڊيوٽي مڃجي وئي.

۽ هيٺن پنهنجي رت سان، شڪاگوءَ جي تاريخ لکي،
تہ ظلم ۽ ستم جي پهاڙن کي پُرزا ئي ٿيٺو پيو آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 184)

**شِڪوو:** شڪايت، اعتراض

خبر ناهي اکين مان خون جا ڳوڙها ڇو ٽپڪن ٿا؟
زبان تي صرف شڪوي جا اي جانا، ڇو ويا گهٽجي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 93)

**شورشون:** تيزائپ، جهيڙي جون تياريون، هنگاما آرايون

شورشون ۽ سازشون گهمسان پنهنجي شهر ۾،
روز ڪسجن پيا اسان جا جوان پنهنجي شهر ۾!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 67)

**شوقِ شهادت:** قربان ٿيڻ جو شوق، جذبهء ايثار

هي مستي شجاعت، هي شوقِ شهادت، هي غيرت همييت،
هي جرعت، هي همت، هي ڌرتيءَ جي چاهت!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 136)

**شهر وفا:** وفائن جو ماڳ

ائين ٿو لڳي جڻ تہ راڪاسن ڪوئي
سر راهہ شهر وفا مان لنگهي ويو!

(ڏيئا ڏات جا: 73)

**شهڪار:** عظيم ڪارنامون، فن جو وڏي ۾ وڏو اظهار

انسان پنهنجي مصور جي تخليق جي فن ۾ آهي ڪمال
انسان فطرت جو هڪ عظيم شهڪار آهي

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 182)

**شيش محل:** اهو بنگلو جنهن ۾ گهڻا شيشا استعمال ٿيل هجن

شيش محلاتن ۾ جا پلجي نہ آ سا زندگي،
زندگي نالو آ مزدورن ۽ ڳوٺاڻن جو دست!

(ڏيئا ڏات جا: 120)

**صاف گوئي:** سچي ڳالهہ ڪرڻ

سو ان ڏينهن ان دوست جي صاف گوئي،
منهنجو تہ چڙيو هانءُ ڳاري!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 187)

**صبا:** صبح جو ٿڌڙي ۽ ڀني هير

وري اڄ واڏاريون صبا آنديون ساڻ،
ٿڌڙيءَ ٿڌڙِءَ هير سان، اچي سندس سُرهاڻ،
الله سچڻ آڻ تہ راحت رسي روح کي!

(ڏيئا ڏات جا:34)

**صحيفا:** مذهبي ڪتاب، خدائي پيغام

سڀِن شاسترن ۽ صحيفن ۾ آهي لکيل تہ آدم کي متيءَ مان ٺاهي

جڏهن روح پنهنجو انهيءَ ۾ خدا هو وڌو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 183)

**صدا:** سڏ، ڪوڪ، دانهن، سڏ، گهر، آهہ

ڪرن ڪنڌ پر شال قارون سڀ،

هي ارشد جي آهي صدا، يا خدا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 74)

**صداقت:** سچائي، خلوص، نيڪ نيتي

هيءَ ڌرتي صداقت جي آهي علامت!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 188)

**صداقت جا علم:** سچائي جا جهنڊا کوڙڻ يعني سچائي عام ڪرڻ

اسان جا قدم ماڳ تي تارن جيان ها جرڪيا،

صداقتن جا علم اسان ئي کوڙيا آهن!

(ڏيئا ذات جا:121)

**صفون:** قطارون، وجود

تاج، تختن، مسندن ۾ زلزلو ڏسجي پيو،

جابرن جي اج صفن ۾ ٽرٽلو ڏسجي پيو

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 80)

**صليب:** ڦاهي، سوري

ڪسن وير ٽا اج ڪميشن هٿان،

صليبن تي سرمد پيا ٽنگجن!

(ڏيئا ذات جا:47)

**صنعتڪار:** ڪارخانيدار، صنعت کي هلائيندڙ

ملڪ جي محنت ڪش جو خون ٿا چوسين جي،
مون کي نفرت آهه اهڙي صنعتڪا ڪان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**صورقوڪڻ:** ساهه وجهڻ

تو صور ڦوڪيو آ سِنڌوءَ ۾،
تو ويرين کي للڪاريو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 163)

**صياد:** شڪاري، مارو

مان ته آهيان قيدياڻي، پر لڳي توکي ڪٿان،
تنهنجو اي صياد ڇو؟ آرامِ جان لٽجي ويو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 95)

**ضبط:** ڪنٽرول، تهمل، پروسو

محفل ۾ زبان تي ضبط هئس، اکڙين ئي اکڙين سان ڳالهايو،
لڙڪن مان ڪهاڻي سمجهي سين، حرف ۾ سُٽائي ڪين سگهيو!

(ڏيئا ڏات جا:27)

**ضمير:** انا، خودي، انسان جي اندر جو وقار

وجود آ وڌيل ته به بچي ويو ضمير،
اجا زنده آهيان، اجا پيو جيان!

(ڏيئا ڏات جا:44)

**طاري ٿيڻ:** ڇانئجي وڃڻ، جذب ٿي وڃڻ

رات بيحد اداس آهي، هر طرف آهه خاموشي طاري
هر طرف آهه سڪوت جو عالم، هر طرف ڇانئجي وئي اونداهه
خوف ناڪ ٿي پيو آهي ماحول!

(ڏيئا ڏات جا:99)

**طلسم:** هٿ ٺاءُ، ڏيکاءُ، ٻهروپي، ڍوڪو

منهنجي دل ۾ نفرتون وڌنديون رهيون ارشد سدا،
جڳ جي ڪوڙن طلسمن، ٽڪسال ڪان، جنسار ڪان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:92)

**ظلمت:** ظلم جي صفت يعني ڏاڍائي

هٽايو زلف رخ تان، هٽايو نور تان ظلم،
سيه زلفن جي اوندهه ۾ شبستان چو ويا گهٽجي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 93)

**ظلم شب:** راتين جا راتها

ظلمت شب جا سين پردا ٿين جيئن تار تار،
جيستائين رات آ، ٻاريون اچو رت جا چراغ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 100)

**عالم:** روئداد، ماحول، نمونو

ڏسي اونداهه جو عالم متان مايوس ٿيا آهيو!
پري ڪان آهه پڪڙي پرهه جي تنوير، او ساٿي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 91)

**عداوت:** دشمني وير

هي نفرت جا شعلا، عداوت جون چڻگون، وسامي ئي ويندیون

(ڏيئا ڏات جا: 82)

**عزم:** پڪو خيال، زوردار خواهش

سخت تر ماحول ۾ پيي عزم اڻ تر ٿي رهيو
ڪير پيي ان جي ارادي کي نہ بدلائي سگهيو.

(ڏيئا ڏات جا:119)

**عزمِ يقين:** پورو پروسو، اعتبار وارو جذبو

قوم جو ايثار، استقلال هي عزمِ يقين
هر قدم تي ٿي رهيوآ اڄ وفا جو امتحان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 144)

**عصمتون:** عزتون، لڄون، مان مرجات، ناموس، شرافت

عزتون لٽجن پيون ۽ عصمتون نيلام ٿين،
هت امانت جي اندر ٿيندي خيانت پيا ڏسون!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 128)

**عظيم:** عظمت وارو، معتبر، مٿاهينءَ حيثيت وارو

ورد ۽ منهنجو وظيفو سنڌ جو نالو عظيم،
روز و شب وينو پڪاريان منهنجي پياري سنڌڙي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 66)

**عظيم مقصد:** وڏي شان ۽ معيار وارو مقصد يا گهر يا مطلب

اڙي موت! منهنجو آ مقصد عظيم،
مان انسانيت جي لئہ جيئڻ ٿو گهران!

(ڏيئا ڏات جا: 117)

**عقيدت:** ويساهہ، احترام، چاهت، اثر قبولڻ

پنهنجي اميدن جي حدن تي اچي،
گل عقيدت جا رکي، فاتح آ مون پڙهي!

(ڏيئا ڏات جا:97)

**عقيدا:** ڀروسا، اعتبار، ويساهہ

گي عقيدن، فلسفن، مذهب جا فسوده نظام،
هي بنائڻ ٿا گهرن آزاد انسان کي غلام!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 121)

**عڪس:** اولڙو هوبهو اصل جهڙو

زندگيءَ جو عڪس لفظن ۾ چٽيان، ڪائنات، زندگيءَ جون سڀ
تشبيهون مگر زندگيءَ جي سونهن آڏو نيچ آهن!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 173)

**عڪسِ زندگي:** زندگيءَ جو هوبهو نمونو

پنهنجي شعرن ۾ چٽيندو ئي رهين،
ديس جي ڏرتيءَ تان عڪس زندگي!

(ڏيئا ذات جا: 78)

**علامت:** اهڃاڻ، سمبل

تمثيل علامت، استماري جو خول ڍڪيل انقلابي گيت لکي ٿو

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 147)

**عنوان:** سرا، ٽاپڪ، هيڊنگ

درد جي وستيءَ ۾ ڳالهيون درد جون ئي چيڙجن،
ظلم جا، انياءَ جا عنوان پنهنجي شهر ۾!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 67)

**عهد:** انجام، واعدو، اقرار

دوستيءَ جو عهد ارشد ٿو ڪري هر ڪو هتي،
نينهن جو ناتو مگر ڪو ڪو نباهي ٿو سگهي.

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 79)

**عيسيٰ (عليہ سلام):** پيغمبر

مان رسول پاڪ جو ادنيٰ غلام، مان دعا دائود جي، آس ابراهيم جي،
مون محبت آهہ عيسي! ڪان سکي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**عيش و مسرت:** خوشيون ۽ عياشيون، سک

سنڌ جا او خير خواهو سنڌ پٽي ساري سڏي،
محفلون عيش و مسرت جون سجايو پيا اوهين!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 221)

**غمگين و نالان:** ڏکويل ۽ بيوس بنيل

صدين جا ستايل ۽ غمگين و نالان،
حياتيءَ جا راهن تي پنڪن پيا ٿا!

(ڏيئا ڏات جا: 117)

**غم و آلام:** ڏک، سور

ڪٽي چا پي ٿئي تہ بہ ڪين ارشد راهہ تان هٽندو،
ٿئي دل تي پلي ڪيڏا غم و آلام، اي ساقي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 96)

**غنيمت:** موقعو، فائدو، رعايت، تمنا جي پڄاڻي

مس مليو موقو اٿو، موقعو آهي غنيمت،
موقعي مان ڪم وٺو!

(ڏيئا ڏات جا:45)

**غنچا:** نازڪ بوٽا

آيو آهي شڪر ٿيو پر گهايل گهايل آهہ بهار،
هن ۾ ٽرندا ڪين سي غنچا ساڙيا جيڪي سخت سين!

(ڏيئا ڏات جا:23)

**فاتحہ:** مري ويل ماڻهوءَ تي پڙهي دعا

پنهنجي اميرن جي مدفن تي اچي،
گل عقيدت جا رکي، فاتحہ اچ ٿو پڙهي،

(ڏيئا ڏات جا:97)

**فدا:** قربان

صديق وجان، قربان ٿيان، توتان ٿيان شل مان فدا،
پيارا وطن سئو سئو دفعا

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 112)

**فردوس:** بهشت، جنت

ڪيڏو نہ تو پيارو لڳين،
فردوس ڪان پي تون حسين!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 112)

**فرزاتن:** سياڻن سيبتن، عقلمندن

يارو! سنت منصور جي ڪوئي تہ اسان مان جياري ها،
فرزاتن جو حال نہ هئو پوءِ ديوانن ڪي چا ٿي ويو!

(ڏيئا ڏات جا: 26)

**فرسوده:** مدي خارج، ختم ٿي ويل، وهمي

هي عقيدن فلسفن، مذهب جا فرسوده نظام
هي بنائڻ ٿا گهرن آزاد انسان ڪي غلام،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 121)

**فرنگي:** ڌاريا، انگريز بادشاهہ

پڇي پورا ڪيو مون ڪيئن؟ هي فولاد جو پڃرو
ڪري ٽڪرا مون ڇو ٽوڙيا، فرنگي دام، اي ساقي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 96)

**فرهاد:** شيرين، فرهاد واري ڪلاسيڪل قصي جو هيرو. جنهن شيرين جي عشق ۾ ڏونگر بہ ڏاري ڏيکاريو هو.

هماليہ هٽائي اسان راهہ ناهي،
اسين هن زماني جا فرهاد آهيون!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 220)

**فريب:** ڏوڪو ڀيائي، غداري

اسان ٿي ڪوڙ جي ڀروپ تان پردو ڪنيو آ،
فريب جا طلسم اسان ٿي ٽوڙيا هن!

(ڏيئا ڏات جا:112)

**فطري:** قدرتي طور جڙيل، جنهن ۾ هٿرا ڏو ڪوشش شامل نہ هجي

آزادي حق فطري آهي،
هيءُ حق تہ وڙهي بہ وٺو آ.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 106)

**فڪ اُڏام:** فڪر يا سوچ ۾ خوض جو پرواز

منهنجو سوچون فڪر اُڏام،
منهنجي چاڻ ۾ مسرت شعور،
ڪوريئڙي جا چار نميل!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 168)

**فلسطائيت:** والار، قبضا، ڪٽرپڻو فرسوده عمل

چوطرف فسطائيت جو فرق پيڙو پيو ٿئي،
وقت جي آواز کي روڪي سگهڻ آهي محال!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 116)

**فولاد:** سخت لوهہ جو قسم

پڃي پورا ڪيو هون ڪيئن هي فولاد جو پڃرو
ڪري ٽڪرا هون ڇو ٽوڙيا فرنگي دام اي ساقي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 96)

**ڦبڻ:** هڙ پلئہ پوڻ، حاصل ٿيڻ، پورو پئجي وڃڻ، نيبهہ ٿيڻ

هي بيئر جي بوتل ۾ وسڪيءَ جا پيالا،
هي طبلا ۾ باجا، هي ڇيرين جا ڇهلڪا،
اوهان کي ڦبيا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 179)

**قارون:** مصر جو تمام شاهوڪار بادشاهہ جيڪو ظالم ۽ شاهوڪاري جي علامت بنجي ويو

ڪرن ڪنڌ پر شال قارون سڀ،
هي ارشد جي آهي صدا، يا خدا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 74)

**قاضئہ شهر فوت ڪڍي:** شهر جي مولويءَ سزا لائق يا مجرم قرار ڏنو

وريہ قاضئہ شهر فتوا ڪڍي،
اسان لاءِ زنجير ڇٽڪي پئي!

(ڏيئا ڏات جا:83)

**قانون فطرت:** قدرتي ضابطو

اهو فلسفو آهہ ڪوڙو ۽ ڪوڙو
سو قانون فطرت جي ابتڙ ٿي سمجهيو وڃي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 182)

**قائل:** مڃيندڙ هم خيال، مطمئن ٿيل

هيءُ ڪنڌ جهڪيو ڪنهن جي نہ اڳيان پر سائين تنهنجا پير چميان
مون پير چمڻ جي ڳالهہ ڪئي، مان قائم ناهيان پوڄا جو

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 162)

**قتل و غارت:** مار ڌاڙ جنگ، ظلم، راتاهو

مون ڪي نفرت جبر ۽ انڌيرا ستبداد ڪان،
قتل و غارت، ظلم ۽ بيداد جي بازار ڪان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**قدامت پرست:** پراڻ پسند، تنزل پذيريءَ ڏي مائل

اسان ئي قدامت پرست جي بوسيده نظارن ڪي،
للڪار ڪئي هئي، نئين سوچ ڪي اسان ئي اوپاريو هو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 186)

**قصاب:** بي انت، اڻ ڳڻيان

سماراجي ڇاڙتا هي پنهنجي ڌرتيءَ جا غدار،
امن، آزاديءَ جا دشمن، قوم جا قاتل قصاب،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 117)

**قفس:** قيد، جيل، پابندي

سڪي ويا پن گلن جا ۽ ويون ڪومائجي مکڙيون،
قفس ۾ بند بلبل ۽ چپُن جو شور شار آهي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 80)

**قلمبند ڪرڻ:** لکيل صورت ۾ پيش ڪرڻ، رڪارڊ تي رکڻ

قلمبند ڌرتيءَ جون داهون ڪيان،
ڪهاڻي ڪا ظلم ۽ ستم جي لکان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 75)

**قوتِ جمهور:** چونڊيل حڪومت جي سگهه

عوامي قوتِ جمهور آڏو تن کي آ جهڪڻو پيو،
جن تشدد جي سهاري حڪمراني آ ڪئي!

(ڏيئا ڏات جا:43)

**قهر جو ڪوٽ:** ڏاڍ جو اڏو، ظلم جو ڳڙهه

اهو قهر جو ڪوٽ بيهي نہ سگهندو،
انهيءَ جي اسان پاڙ کوٽي ڇڏي آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 223)

**ڪاروان:** قافلو جٿو

منهنجي آزادي وئي منهنجون خوشيون ڪا فور ٿيون
منهنجي ذوق ۽ شوق جو اڄ ڪاروان لٽجي ويو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 95)

**ڪارونيار:** ڪارو ۽ گهاٽو وسڻ جهڙو جهڙ

اج ڪوڙ جو ڪارونيار ڏسي،
سچ شرم کان آهه لڪو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 164)

**ڪاريهر تي پير پوڻ:** هٿ وٺي پاڻ کي ڏچي ۾ ڏيڻ، سر سهائڻ

مڙس ٿو ڏسجين شهزادو،
تون ڪاريهر تي پير نه رک!

(ڏيئا ذات جا 67)

**ڪافور ٿيڻ:** ڪافور وکر هوا ۾ کولي رکبو ته اڏامي ۽ غائب ٿي ويندو آهي ان ڪيفيت ۾ استعمال ٿيل آهي.

منهنجي آزادي وئي، منهنجون خوشيون ڪافور ٿيون،
منهنجي ذوق ۽ شوق جو اج ڪاروان لٽجي ويو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 95)

**ڪاڪ:** هونئن ندي، جنهن جي ڪپ تي مومل جو محلات هو پر سودن سان ٿيندڙ ڏوهه سبب ان کي ظلم واري ماحول جي ڪيفيت ۾ ڪم آڻبو آهي.

پا جي رهندي ڪا نه قائم، رهڻو ناهي انڌير!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 205)

**ڪال:** اڻاٺ، ڏُڪو

روپ ننگر ۾ ڪال وفا جو، سوچي سمجهي پيار ڪجو،
اج جو رانجهو وهه جو پيالو پئي ٿو پنهنجي هير هٿان!

(ڏيئا ذات جا:30)

**ڪانو سج چڙهي وڃن:** هڪ خاص ماپ جا ڪانا سڌا ها، جيڪي اڌ يا مني وال جا هوندا هئا، جنهن تي ماپ ترائي ويندي هئي ۽ سج جي نسبت سان وقت جو تعين ڪبو هو.

کيڏي نين نپاڳ، سوڙئين سُتين چوڪرا،
پڙڪي هر ڪنهن پونءِ تي، آزاديءَ جي آڳ،
جواني ماٽين ماڳ، ڪانو سڄ چڙهي ويو.

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 196)

**ڪانئر:** پاڙيا، ڊيڄو، گيدي،

هي ڪانئر ڪُپتيا ڪوڙا هن،
مون جنگ انهن سان جوتي آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 107)

**ڪاڻ:** غرض

هيءَ ڪاڻ نہ آ ڪنهن هستيءَ جي،
هي ماڻُ آ سنڌ جي مٽيءَ جو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 162)

**ڪاڻ:** ڪسائي يا گهٽتائي

آءٌ ميان ٿو مون ۾ ڪاڻ،
سائين! تنهنجي کهڙي بات!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 99)

**ڪاهي:** هونئن تہ گاڏي يا وهٽ ڪاهي وڃبو آهي، پر پوڪ پوکڻ ڪي بہ ڪاهڻ چوندا آهن، هتي ان معنيٰ ڪم آيل آهي.

مون ڪاهي، ڪمائي اڃو ان ڪيو،
ٻنائيءَ جا مالڪ پيا يا خدا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 74)

**ڪائنات:** هيءَ دنيا، نظر ايندڙ جهان،

ڪائنات، رنگ ويوءِ هي فطرت جو نظام، چنڊ تارا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 158)

**ڪائناتِ حسن:** سونهن جي دنيا

زندگيءَ جي سونهن جو عڪس لفظن ۾ چٽيان، ڪائنات، حسن جو سپ تشبيهون مگر، زندگيءَ جي سونهن آڏو نيچ آهن!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 173)

**ڪٺن:** ڏکيو، مشڪل، اڻ ٿيٽو

ڪيڏو نہ ڪٺن هو رستو پر او ايندڙ تو لئہ آسان ڪيم،
مون ڏاڍ جي ڏونگگر ڏاريو آ، هر موڙ تي ڏيئو ٻاريو آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 82)

**ڪٽ:** زنگ لڳي وڃڻ، ڪسجي وڃڻ

جنهن تي جندڙيون جرڪن ٿيون
نظرن تان ٿي ڪٽ لهي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 126)

**ڪٽار:** هٿيار، تلوار، ڀالو، ڪات.

دوستو هن دؤر جا وحشي ۽ قاتل خونخوار،
آمريت جا محافظ اڄ ڪٺي آيا ڪٽار!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 117)

**ڪثرت:** گهڻائي، ڍيڪ ويڪ، صورتون، شڪليون، هارسينگار

منهنجي وحدت منهجهہ ڪثرت جي رنگن جو امتزاج،
مان دنيا لئہ ويو ۽ قرآن جو سنديش هان!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 190)

**ڪُپتيا:** بي اعتبارا، جن پنهنجي ساک وڃائي ڇڏي هجي

ڪانئر ڪُپتيا ڪوڙا هن،
مون جنگ انهن سان جوٽي آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 107)

**ڪُڏي:** نچي ٽي، خاش خوشيءَ مان.

وحدت واريءَ واٽ تي، ڪڏي ڪنڌ ڪپاءِ،
منهن مقابل موت جي، نعرا نينهن لڳاءِ،
سچي ڳالهه سڻاءِ، سورهيه سوريءَ سامهون

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 96)

**ڪرب:** سور، تڙپ، جهوري،

جاب سمجهيو سنڌ جي درد ڪي ۽ ڪرب ڪي
آسرو لاهي ڇڏيو تن جانِ تان، صديقي وڃان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 65)

**ڪرٽ:** ڪٽر واري مشين ۽ ڪاٺ چيرڻ واري آرامشين ۾ لڳل ڪاٽ.

جياپي جي جانڊاهه ۾ جيءُ ٽا جهرن،
لڪي لوڪ ڪان ٽيون اکيون رت روئن،
متان روح ڪٽجي وڃن ڪرٽ هيٺ،
امر گيت ڏرتيءَ جا گهٽجي وڃن!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 123)

**ڪرٽ ڪٽجي وڃڻ:** ڏاڍائي ۽ ظلم تي ضابطو ڪري وڃڻ

اوهو ڪرٽ خود هاڻ ڪٽجي ويو،
اوهين مون کي ماري نه سگهندئو ميان!

(ڏيئا ڏات جا:44)

**ڪرٽي ڏند:** ڏمر جي نشياني، ميڇريل ماڻهون

اوندهه ڏائڻ ڪرٽي ڏند،
دانگيءَ جهڙو ڪارو منهن ڪيڍيو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 169)

**ڪردار:** افعال، ڪرتوت، لڇڻ، اوصاف

هي چنڊ ستارا اُڀ ۾ ڏرتي، دنيا جي شيءِ ڪا نہ مٽي،
افسوس اسان انسانن جا ڪردار بدلجي آهن ويا!
(ڏيئا ڏات جا:29)

**ڪڙڪن:** ٺهڪن، رسن، ڏڪ هڻڻ شروع ڪن، مارا ماري ڪن

جڏهن سوچ ۾ ڏات تي ڪات ڪڙڪن،
جڏهن سوچ سوريءَ تي چاڙهيو وڃي!
(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 179)

**ڪسوٽي:** معيار پرکيندڙ اها شيءِ جنهن جي ڀيٽ سان ٻي شيءِ جو ملھہ ڪٿي سگهجي.

تنهن جي هٿ ۾ ڪوڙ جي هيءَ ڪسوٽي،
ڇا انهيءَ تي پرکبي دانهن سنڌوءَ ديش جي؟
(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 141)

**ڪشتي:** ٻيڙي، ڊُنگي

رات انڌيري، واءُ اٽائو ڪن ۾ ڪشتي، ونجھہ ٽٽل،
ٻڏندي، ترندي پنهنجو ٻيڙو پار لڳائي ويندس مان!
(ڏيئا ڏات جا:25)

**ڪشمڪش:** وٺ وٺان، جدوجهد، پاڙ پٽوڙڻ

آهہ هي جهد مسلسل، ڪشمڪش ۾ امتحان،
هيءَ گلن جي سيج ناهي، خواب راحت ناهي دوست!
(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 222)

**ڪل پرزا:** مشن ج ي پرزن وانگر اهم حصا.

هاءِ مشيني دؤر جا ماڻهون ڪل پرزا،
وقت آ ڦرندڙ ڦيٿي وانگر!
(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 174)

**ڪلور:** ويڏن، وارداتون، جُنيون، ظلم

جهوپڙين ۾ جهڳين تي محل وارن جا ڪلور،
حاڪمن جي تون عدالت ۾ حڪومت پيو ڏسي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 128)

**ڪمبوڊيا** (ان کي ڪمپوچيا بہ چيو ويندو آهي): اهو آفريڪي ملڪ جنهن کي موگابي آزادي وٺي ڏني هئي.

ڪمبوڊيا ۾ ويٽنام، گوءِ ڪٽي ويا گيسرا،
غيرن جي ظلمن اجا بہ اسان جي سنڌڙي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 190)

**ڪنبي:** ڏکي، ڊڄي

سوچ تي ڪيڏي چپ ڪريل
ڪات جي هينان ڪنبي ذات!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 99)

**ڪنگال:** مسڪين، بکيا، ڪسمپريءَ جي زندگيءَ گذاريندڙ

هي هاري، هي مفلس، هي بدحال ماڻهون
جڪيئن شال پورهيت ۾ ڪنگال ماڻهون

(ڏيئا ذات جا: 48)

**ڪٽاهيءَ ڪڙهڻ:** سُسڪندڙ تيل جي وڏن ٿانون ۾ ڪاڙهيا وڃون تہ بہ نہ مڙو

سيد، شيخ اياز کي پڙهي پيا پڙهو
ڪٽاهين ڪڙهو تہ بہ نہ ڏجو سنڌڙي

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 197)

**ڪوتا ديوي:** شاعري

ڪوتا، ديوي ٿي وئي قيد،
سوچ سنهر ۾ ڦٽڪي ذات!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 97)

**ڪوري ڪپي:** وڏي، ڪاتي، لاهي

سروڏي، ڪوري ڪپين، يا باهه ۾ ساڙي ڇڏي،
تہ بہ اسان کي آهہ جو چوٽو سو چونداسين اسين!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 221)

**ڪوريئڙي جو ڄار:** هڪ ننڍڙو جيت ڀتين تي ۽ ڪنڊن ۾ هلندو آهي، اهو پنهنجي پيٽ مان تندو ڪيندو ڪيندو ڄارا ٺاهي ويندو آهي، جيڪو خود سندس موت جو سبب بنبو آهي.

منهنجو سوچون فڪر اڏام،
منهنجي ڄاڻ ۽ سرت شعور،
ڪوريئڙي جا ڄار ٺهيل!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 168)

**ڪومل:** نازڪ، نفيس

جنهن جي وزن بار جي هيٺان
ڪومل جنڊڙيون چيچي ويئون،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 174)

**ڪونڌر:** مڻير مڙس، دلير، بهادر، سرجي قرباني ڏيڻ لاءِ بہ تيار

مُرڪي مرُڪي موت قبوليئون، ڪوڙجي آڏو ڪو نہ جهڪيا،
سچ جي خاطر ڪيئي ڪونڌر ڦاسيءَ تي پيي لڙڪي پيا!

(ڏيئا ڏات جا: 33)

**ڪهڪشان:** آسمان جي وچ ۾ تارن جي جهڳٽي جي ور وڪڙ لڪير

اسين جائز ۽ ناجائز ۾ ئي وڙهندا رهياسين پر،
دنيا وارا تہ پهتا چنڊ تارن، ڪهڪشان تائين!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 94)

**ڪيڏارو:** جنگي شعر، وڙهندڙن کي همٿائيندڙ شعر

چئه ته اج مان چا لکان، گيت يا دوهو لکان، مرثيو لکان،
يا اڄوڪيءَ ڪربلا تي ڪوئي ڪيڏارو لکان!

(ڏيئا ذات جا:80)

**ڪيف:** نشو، سرور

ڪيڏو آهي ڪيف فضا ۾، مند تي مستي پا نئين آ،
چيٽ فصل جي چاندوڪي، اي دوست واري اج آئي آ!

(ڏيئا ذات جا: 41)

**ڪاٽ لڳڻ:** چور بند گهر جي پٺين ۾ ڳرکو ڪري ان مان گهڙي چوري ڪري ويندا هئا ته ان کي ڪاٽ چئبو هو.

ڏينهن ڏٺي جو هاءِ لڳي ويو،
پنهنجي گهر کي ڪاٽ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 204)

**ڪاٽا:** سڙيا

ڪوريءَ ڪاٽا پنهنجا هانوَ
آڳ اُلن مان سِرِ جي ذات!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 97)

**ڪٿوري:** خوشبوءِ

اج خون ڪٿوري آهه بنيل،
ءِ ڦولن ۾ سرهاڻ نه آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 165)

**ڪٽ:** چار پائي، سمهڻ لاءِ نهيل واڻ واري ڪٽ.

جيجل ڏرتيءَ ماءُ تي ڏسي ٻوراٻٽ،
آئي ڪين اجا ابا، سندءِ دل کي سٽ،
ڪاريو توکي ڪٽ، ڏيئي نند نياڳ جي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 196)

**ڪسڪي وڃڻ:** ائين آهستگيءَ سان لڪي وڃڻ جيئن ڪو ڏسي نہ سگهي

هرٽيءَ جهڙِ تاهڙ ڇوري ڇار وڇائي ڪسڪي وئي،
جادوگر سان جند اڙي، جنهن گهايل دل کي گهايو آ!

(ڏيئا ڏات جا:39)

**ڪوري:** اوڙاهہ باهہ سان پريل اهو ڪڏو جنهن ۾ مٽِ جون سرون پچائيبيون آهن، آوي

سوچ تي ڳوري چپ ڪري پئي، ڏاهپ بجي وئي آ ڏوهہ
ڪوريءَ مان ئي ڏات تپائي، سوچن کي اچ جرڪايو

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 70)

**ڪهري:** گهٽ وڏائيءَ واري، سخت سطح واري، لسيءَ جو ضد

پوڻيءَ وانگر پرزا ٿي وئي، پٿر جهڙي ڪهري دل
غم جو ماريو، شاعر اهڙو نغمو ڳائي وينو آ.

(ڏيئا ڏات جا: 40)

**گانجو:** نشي جي شيءِ

زندگي انقلابي سوچ جو شعلو بہ آ
زندگي آفيم آ، چرس ۽ گانجو بہ آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 172)

**گروي:** امانت رکيل، پئسن عيوض ڪجهہ وڏيت لاءِ رکيل مال

هن جو جياپو پيٽ جي عيوض،
گروي آ، مل مالڪ وٽ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 175)

**گستاخي:** هتڪ، بي جائي، سهو، غلطي، غير معياري سلوڪ

جي سچ چوڻ گستاخي آ،
هن ڏوهہ جو بدلو ڦاسي آ!

(ڏيئا ڏات جا: 60)

**گلچين:** گل پٽيندڙ

سوچيان ٿو مان ظالم گلچين! توکي نازڪ مکڙين تي پيي،
قيا سو نہ پيو!

(ڏيئا ڏات جا: 70)

**گمراهہ:** بٽال، اوائي توائي، بي راهہ روئي وارو

رهبر جي مليا، گمراهہ مليا، ڪجھہ انڌا ها، ڪي چنڊا ها،
بي سمجھہ ابوجھن ماڻهن کي دردر تي رولايو آهہ ويو!

(ڏيئا ڏات جا:32)

**گنڀير:** سانتيڪو، حساس، خاموش، سوبر

ڪيڏو گنڀير، مانيٽو، معصوم آهين،
توتي ڪنهن بہ آهہ جو اثر ٿي نہ سگھيو!

(ڏيئا ڏات جا: 62)

**گواهہ:** شاهد، ساکي

مگر پوءِ تاريخ آهي، گواهہ تہ هيٺن فقط پنهنجي ٻانهن جي ٻل تي،
ڪيو ڀروسو آ

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 184)

**گوتم:** ٻُڌ مت يا ٻُڌ ڌرم جو باني

مان شري ڪرشن ۽ گوتم جي سپيتا جو امين!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**گوندر ۾ گذرڻ:** سورن ۾ جيئڻ

فقط چند خوابن جي تڪميل لاءِ
سجي عمر گونجيا گيت،
خوشبوءِ بڻجي پکڙي ڏات.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 97)

**گوءِ:** آڳ، سبقت

ڪمبوڊيا، ويٽنام، گوءِ ڪٽي ويا گيسرا!
جاڳيو سڀ ڪنهن جوءِ جو اڄ ڪله آهه عوام
غيرن جي غلام، اڃا ٻه اسان جي سنڌڙي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 195)

**گيتا:** هندو مت جو بنيادي مذهبي ڪتاب

پيار جا پيغام مون وٽ، ايڪتا جون آيتون،
منهنجي پيشانيءَ تي گيتا آ لکيل!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**گيسرا:** سست، ڪاهل، بي همت

ڪبوڊيا، ويٽنام ڳوءِ ڪٽي ويا گيسرا،
جاڳيو هر ڪنهن جوءِ جو اڄ ڪله آهه عوام،
غيرن جي غلام، اڃا ٻه اسان جي سنڌڙي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 195)

**ڳٽ ڳچي ۾:** ڳلي ۾ گهوگهو يا ڦاهيءَ جو ڦندو.

چيڙهه چڳن ۾، ڳٽ ڳچيءَ ۾،
زنجيرن ۾ قيدياڻي تي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 109)

**ڳنڀير:** اهميت جوڳو، مايوس ڪندڙ، لا حاصل

سند ۾ ذات تي ڪٿ آهي، چڙهي وئي،
خطرناڪ ڳنڀير حالت جو سندءِ دل تي ڪوئي تاثر نه آ!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 185)

**ڳهٽو:** وهٽو وانگارو ٽيڙو ول کي ڏاندن سان لتاڙي ڳاهبو آهي تہ ڇئبو تہ ول کي ڳهٽو يا ڳاهٽو آهي ۽ ان عمل کي ڳاهہ ڇئبو آهي.

زندگيءَ گهاٽو هئي، ان ۾ وياسي پيڙجي،
زندگيءَ جي ڳاٽ ۾ مجبور ٿي ڳهٽو پيو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 89)

**گهاٽي جي ڳاڏي:** گهاٽي ۾ جوٽيل ڍور کي صحيح طور هلڪڻ لاءِ اُهو تختو جنهن تي چاڪي ويهي ۽ ان ڦيري يا چڪر ۾ شامل هوندو آهي، ان تختي کي ”ڳاڏي“ چئبو آهي.

ڏسون ٿا تہ گهاٽي جي ڳاڏيءَ وانگر سماجي سرشتي جي تاريخ
ڏاڍن جي لٺ سان چئوطرف پيئي ڦري!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 182)

**گهائڻ:** زخمي ڪري وجهڻ

ڪاريون راتيون ٻڙڇيون ٻڻجي روح کي ويتر گهائيندو
ڪو بہ نہ ڏيئو ٻاريندو، جي جوت نہ ڪو جرڪائيندو!

(ڏيئا ڏات جا: 36)

**گهاٽي لٺ لڏي وئي:** سرنهن کي پيڙڻ لاءِ گهاٽو هوندو جيڪا اُن کي پيڙيندي آهي، ان لٺ کي پيڙڻ وقت ڪا سگهي شيءِ ايندي، لٺ لُڏي ويندي ان ۾ مخدوم بلاول جي گهاٽي ۾ پيڙهڻ ڏانهن اشارو آهي.

پيرين پيل پيڪڙا، سنگهرن منجهہ سرير،
گهاٽي لٺ لُڏي وئي، ڦريا ڪين ضمير،
هن ڏرتيءَ جا وير، ڪيڏا پختا قول جا!

(ڏيئا ڏات جا:127)

**گھمسان:** جھيڙا، جھڳڙا، وارتائون، راتاها

شور شون ۽ سازشون، گھمسان پنھنجي شھر ۾،
روز ڪسجن پيا اسان جا جوان پنھنجي شھر ۾!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري: 67)

**گھنگھور گھٽا:** انتھائي ڪارو، خوفناڪ وسڻ جھڙو جھڙ.

ڇا ٿي پيو چئوطرف اگر گھنگھور گھٽا جو گھيرو آ،
جو ديپ جلايو آھ اسان ھر حال ۾ ان کي ٻرڻو آ!

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري: 79)

**گھنڊ منھن ۾ وجھڻ:** ڪاوڙمان نھارڻ

وجھي گھنڊ منھن ۾، تون گھوري نہ ڏس،
مٿي وڃ، ھتي وڃ، خدا را ھتي وڃ!

(ڏيئا ڏات جا:124)

**گھور:** جوھہ لڳاتار نھارڻ، اک ڦيرڻ ڪانسواءِ ڏسندو رھڻ.

ڦوھہ جواني نينھن نھوڙي، جياپو جنجل بنجي ويو،
جن کي گھايو گھور اوھان جي، جانب، توڙي ڪيئن جيئن!

(ڏيئا ڏات جا:23)

**گھونگھٽ چائي:** منھن کي رئي سان ڍڪي فقط اکون ظاھر ڪري

روز اان وٽ ايندي آھي، ميدي لائي،
جومر پائي، ڇيج بنھيءَ ج گھونگھٽ چائي،
پاڻ ئي پنھنجا سھرا ڳائي، سرھي سرھي سينڌ سجائي ايندي آھي!!

(ڏيئا ڏات جا: 102)

**لاچار:** بيوس

انگ اگھاڙا، جيئرا لاشا
وک وک تي لاچار،

(آچپي جي گيت جھڙي شاعري: 203)

**لال اپريو اوپر ڪان:** سج جو اڀرڻ

جاڳ هاري جاڳ، اڀريو لال اوپر ڪان،
وقت ورائي واڳ، لٽو ڏمر ڏيهہ تان،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 200)

**لامحدوود:** بي حساب، وسيع تر، جنهن جو ڪو حد حساب نہ هجي

تنهنجي هستي انت نہ ڇيھہ، تنهنجي دنيا لا محدود،
تنهنجو رنگ نہ ڪوئي روپ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 169)

**لباس آدميت:** انساني ويس ۾، آدم جي شڪل ۾

مطان لباسي آدميت ۾ لڪل روح ازل!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 189)

**للڪاريو:** هوڪاريو ويڙهہ لاءِ ساهيو جنگ ڪرڻ جي آڇ ڪئي

اسان ئي ظلم جي نظام کي للڪاريو پ،
اسان ئي غرور جو ڪنڌ جهڪايو آهي،

(ڏيئا ذات جا: 120)

**لمحا:** گهڙيون، ساعتون، جهٽ پلڪ

چند لمحن واسطي تاريڪي مسلط ٿي وئي،
رات جون اونداهيون ويڙهي وجن اڄ بي حساب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 117)

**لَنءُ:** ناتو پيار ڪرڻ، عشق ڪرڻ

عالم سارو اونداهہ ان سان پنهنجو لنءُ نہ لڳاءِ،
جرڪي جنهن سان روح جي دنيا، جيءَ ۾ اهڙي جوت جڳاءِ!

(ڏيئا ذات جا:136)

**لنئوڻ:** اهو لفظ ٻڌڻ سان ڪانگ ڏي ڏيان ڇڪبو ۽ پڪ ٿيندي تہ ڪنهن جي اچڻ جو پيغام پڄائي رهيو آهي.

لنوين وينو ڪانءُ اچڻا آهن اڄ رين،
ويني آهيان واٽ تي اڪيون وڇايو آءُ،
وري منهنجو هاءُ، ماندو آ محبوب لئہ!

(ڏيئا ڏات جا:131)

**لوٺيو:** جهنگ ڪي باهہ لڳندي آهي تہ ساوا وڻ سڙي بہ ڪارا ٿي بينا هوندا آهن، ان ڪي لوٺ چئبو آهي، لوٺيو لفظ دل جي ڪاري ماڻهوءَ لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

آزاديءَ جي نانوَ ڪان، لُوٺياونءُ وڃن،
ٺڳيا ملڪ ٺڳن، سچا ناهن سنڌ سان!

(ڏيئا ڏات جا: 62)

**لوچ:** چرپر، تحرڪ، جهد

نہ ڪا سوچ نہ لوچ، نہ آرزو نہ اهنگ،
جڻ تہ پٿر مان گهڙيو توکي ڪمين سنگتراش!

(ڏيئا ڏات جا:62)

**ليڪو چڪتو ڪرڻ:** حساب ڪتاب طئہ ڪرائڻ، ڏک سک ظاهر ڪرڻ

او آمر تو سان نيٺ اسان کي ليڪو چڪتو ڪرڻو آ
تون ڪيسين بچندين بدلي کان، تو ڏينهن گهڻا آزاريو آ.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 68)

**مات:** شڪست، هار

نيٺ تہ ٿيندي سچ جي جيت
ڪوڙ کي مجڻي پوندي مات.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 99)

**ماتم:** ڏک، سور، روڄ راڙو

اڄ دل جي ماتم ۾ مصروف هوس ۽ پنهنجي قدرتي سوچيم پئي
۽ سيني اندر دل کي ٻُڌيم پئي، مون سمجهيو تہ دل جنهن جي ڳولا ۾
نڪري وئي آ، اهو ڪيس هاڻي ملي ڪو نہ سگهندو!

(ڏيئا ڏات جا: 111)

**ماڳ:** منزل، مقصود، ديس، وطن، رهڻ جي جاءِ

اسان جا قدم ماڳ تي تارن جيان جوڪيا،
صداقتن جا علم، اسان ئي کوڙيا هن!

(ڏيئا ڏات جا:121)

**مالهيا:** متيل سان پوييل هار جنهن کي هندو متبرڪ سمجهي ڳچي ۾ پائندا آهن.

مرڪي جڏهن ڳالهائن، چڻ موتين جي ٽا مالها پوئن
مالڪ ڦڙن کان سهڻا ماڻهون، تارن کان ٻيي اجرا ماڻهون

(ڏيئا ڏات جا:31)

**مبتلا:** ڦاٿل، مصروف

ڪيستائين غم الم ۾ ئي گذاريندو پلا،
ڪيستائين نيٺ رهندو مبتلا ۽ اضطراب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:117)

**مت:** سمجهاڻي، صلاح مشورو

انڌا ڇهڙا اپ ڏي، جهپٽن جهپ هڻڻ،
موڙها مت ڏين، ڏاهپ گهاٽي پيڙجي!

(ڏيئا ڏات جا: 129)

**مجذوب:** چريو مجنون، عقل کان عاري

عشق تنهنجي ۾ ازل کان مان تہ ٿي مجذوب ويس
آءُ تنهنجا پير ڏٺاريان، منهنجي پياري سنڌڙي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 66)

**محال:** ناممڪن، ڏکيو، مشڪل

چؤطرف فسطائيت غرق ٻيڙو پيو ٿئي،
وقت جي آواز کي روڪي سگهڻ آهي محال،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 116)

**محڪوم:** غلام، حاڪميت جي هيٺان

چؤطرف دنيا جي محڪومن بغاوت آ ڪئي،
قيدخاني ۾ به ڏوڪيندا اچن پيا انقلاب!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 116)

**محنت ڪش:** پورهيت، مزدور، هاري.

اجا هيئن سان ڪن ڏاڍا ٿا ڏاڍايون ۽ ارڏايون!
اجا محنت ڪشن تي سوار هت سرمائيدار آهي.

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 81)

**محور:** مرڪز

ڌرتي تنهنجي محورتي، سوچ سميٽي پنهنجي مون،
تو ڏي موٽي آيون لهرون منهنجي وکريل ويچارن جون!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:72)

**مخاطب ٿيڻ:** ڪجهه ٻڌائڻ، حال احوال اورڻ، تقرير ڪرڻ

مان روح جي ٻولي ٻڌندو هان، هي روح مخاطب ٿيندو آ!
آواز اندر جو هندو آ، جو گيت چپن تي ايندو آ!

(ڏيئا ڏات جا: 28)

**مدار:** انحصار، ياڙڻ

جا حڪومت آمريت تي رکي پنهنجو مدار،
منهنجي دل ۾ سخت نفرت آهه ان سرڪار کان

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**مدتن کان پوءِ:** گھڻي زماني گذرڻ بعد، گھڻي وقت کان پوءِ

مدتن کان پوءِ ڪنهن آهي صدا سِرَ جي هئين،
مدتن کان پوءِ ڪنهن آهي پوڪاريو دار ڪي.

(ڏيئا ڏات جا: 119)

**مدفن:** دفن ٿيڻ جي جاءِ، قبر،

پنهنجي اميرن جي مدفن تي اچي،
گل عقيدت جا رکي، فاتح اچ مون پڙهي!

(ڏيئا ڏات جا: 92)

**مدهوش:** هوش کان ٻاهر، نشي ۾ دت ۽ تن

سنڌ جا معصوم ٻچڙا قيد ۾ گهٽجن پيا،
حيف! مت مدهوش تي ڳايو وڄايو پيا اوهي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 221)

**مذڪور:** ذڪر، حال احوال

شعر اسان جان نڪتا ارشد ڏرتيءَ جي ئي پاڙن مان،
ڳوناٽن جي ڳالھ هئي يا مارن جا مذڪور هئا،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 83)

**مرادن جي منزل:** چاهنا جو حصول، اهو هنڌ جتان اميدن جو پورائو ٿي سگهي.

مرادن جي منزل نہ ماڻي سگهيا،
جوانيءَ جا جذبات جيئري جليا!

(ڏيئا ڏات جا: 51)

**مرثيا:** ڏک جا گيت، نوحا، 9-10 محرم تي امامن جي ڏک ۾ بنا سازن جي ڳايل نغما

۽ يارن سنڌءِ غم ۾ مرثيا لکي،
سند ۽ روح کي قل بخشي ڇڏيا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 185)

**مردِ حُرُ:** يزيد جي لشڪر مان آخرڪار سوچي سمجهي حُرُ امامن وٽ اچي پيش پيو اهڙو مڙس ماڻهون

مردِ حر پابند زنجيرن ۾ نہ ڏٺو آهہ دوست،
روح ازاديءَ کي مٽ ۾ ڏٺو ناهہ دوست!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 121)

**مرليون:** وات جي ڦوڪ سان وڄائيندڙ ساز جنهن تي نانگ بہ ناچ ڪندو آهي،

مرلين سان ويا موهي من کي جوڳي جنهن جي جوءِ نہ ڪا،
پرديسين سان پيار ڪري اڄ ارشد، مون پڇتايو!

(ڏيئا ڏات جا: 39)

**مسرت:** بيحد خوشي، بهاري، پرسڪون،

ميسر محل وارن کي مسرت جا حقوق آهن،
جهڳين ۾ جهوپڙين وارو تباهين جو شڪار آهي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:125)

**مسلط:** لاڳو ٿاڦجي ويل، والار ڪري ويٺل

چند لمحن لاءِ تياريڪي مسلط ٿي وئي،
رات جون اونداهيون ويڙهي ويون اڄ بي حساب!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:117)

**مسمار:** تهس نهس

جبرو استبداد جا قلعا اجهي مسمار ٿيا،
پل اندر طوفان پِي تن کي اڏائي ٿو سگهي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:79)

**مسندون:** درگاهن جي سجاده نشين پيرن جون حستيون

تاج و تختن، مسندن ۾ زلزلو ڏسجي پيو،
جابرن جي اڄ صفن ۾ ٿرٿلو ڏسجي پيو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 80)

**مشڪِ ختن:** تمام اوچي خوشبودار شيءِ جيڪو هرڻ جي دن مان ملندو آهي.

خوشبوءِ اهڙي پئي اچي،
چڻ آهہ سا مشڪِ ختن!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:110)

**مصلحت بين:** مصلحت اپنائيندڙ هر ڪم ڪي سوچ ۽ ويچار ڪان پوءِ ڪندڙ رک رکاءَ ڪرڻ وارو ٺاهي هلندڙ دور انديش.

انهن ساڻ شامل ڪي پورهيت جي نئين فلسفي،
هئا ڪي مصلحت بين ڏاها!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 183)

**مصور:** تصويرون ٺاهيندڙ چٽساليون ڪندڙ

انسان پنهنجي مصور جي تخليق جي فن جو آ ڪمال،
۽ انسان، فطرت جو شهڪار آهي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:182)

**معراج:** چوٽي، اوچائي، انت، ڇيهہ، ملاقات، رسائي

سوري تخت ۽ تاج بہ آ، سوچن معراج بہ آ،
سوري امرت ڏارا آهي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 176)

**معيار:** گُڻُ، حيثيت، ڪٿ

بدذوقن جي هن بستيءَ مان ساڃهہ ۽ سڃاڻپ نڪري وئي
انداز بدلجي آهن ويا، معيار بدلجي آهن ويا

(ڏيئا ڏات جا: 29)

**مفت خور:** ٻئي جي ڪمائيءَ تي پلجندڙ

ملڪ جي محنت ڪشن کي نوڪرون ئي ٿيون نصيب،
پر اي ارشد! مفت خورن خانداني آهہ ڪئي!

(ڏيئا ڏات جا: 43)

**مفتي:** اسلامي تعليم جي سند

جهڙو لڳي واءُ، ان کي ٿين سامهان،
ٻُليل آهن ياءُ، مفتي پنهنجي ملڪ جا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:197)

**مفلس:** انتهائي مسڪين، بي سهارو

جيئڻ جو گهرون حق ته گاريون ملن،
ملن مفلسن کي ڌِڪا، يا خدا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:74)

**مقتل:** قتل ڪرڻ جي جڳهه، قتل گاهه

مون ساڻ هلڻ ٿو چاهين پر تون سر جو سانگو لاهي آ،
اي دوست! وڃي ٿو مقتل ڏي ج رستو مون اختيار ڪيو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 76)

**مقدس:** پاڪ پوتي، تقدس وارو، عزت ۽ احترام لائق، محترم.

جنگ جو نغمو هن جي سهڪار ۽ وڏااري لاءِ،
صبح جو دعا کان مقدس!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:175)

**مفڪر:** فڪر ڪندڙ، انساني حقن جو ڄاڻو، فيلسوف.

ڪي اهڙا به ڏاها، مفڪر ۽ داناءَ پيدا ٿيا،
اسان کي مليو جن کان انسان جي عظمت جي سرت ۽ شعور!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:187)

**مڪار:** مڪر فريب ڪندڙ، ڏوڪيباز، چالاڪيون ڪري ڦريندڙ، بهروپي

جنگ جي آ ناهه کان پيي مون کي نفرت دوستو!
آهه نفرت آمن جي مڪار دعويدار کان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 92)

**ملت:** رعايا، رعيت، عوام، قوم جا فرد

مذهب، ملت، قوم نسب جا،
ويچا سڀ وسارا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:203)

**مل مشين:** بلڪل مل وارين مشينن جيان چرندڙ پرندڙ

ساري دنيا مل مشين، جنهن ۾ چرندڙ پرندڙ پرزا
پاڻ ۾ اهڙي ريت ڳنڍيل جڻ عضوا ماڻهوءَ جا،

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:174)

**ملامت:** ڦِٽ، لعنت

تون جنهن لاءِ مون کي ملامت ڪندو آن،
تون جنهن لاءِ رت جا ٽو ڳوڙها روئين!

(ڏيئا ڏات جا: 112)

**ملحد:** الحاظ يعني ڪفر يا شرڪ ڪندڙ

اسين ملحد ۽ ڪافر ڪيئون انصاف تا قائم،
اوهان جي سلطنت ۾ اهلِ ايمان ڇو ويا گهٽجي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:93)

**منتشر:** ٽڙيل پکڙيل، بتال ٽيڙ، هيڏانهن هوڏانهن جو خيال

ڪي ديوانا ڪڏهين ٽي آيا نظر،
مگر منتشر! سندن حال ڇا هو؟

(ڏيئا ڏات جا: 73)

**مُنڊ:** عورت

ڪينجر، منڇر ڇولي ناهي، لهرن ڪي وئي ننڊ ڪجي،
سنڌوءَ ۾ ڪا منڊ هئي، پيار ڪي ڪارو ڪُن ڳڀي ويو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:169)

**منبُ:** جادو، طلسم، ڏوڪو

هي جنسار جُڙتو جادوءَ جوڪيل،
مسرت جي منزل جي تڪميل ناهي،
سچو منبُ دوکو نگاهن جو آهي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 178)

**منزل:** اها جڳهه جنهن تي ڪيئن بہ ڪري اسان جو پهچڻ مقصدو هجي يا مهم جا نشانا

منزلِ مقصود ڏي وڏندا هلو ديوانہ وار،
ڪنهن کي طاقت آهہ اسان کي جو هٽائي ٿو سگهي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 79)

**منصور:** حلاج منصور جيڪو اناالحق چوڻ جي ڏوهہ ۾ ڦاسي تي چاڙهيو ويو.

منصورن ۽ سقراطن جو، سوريچن جون، سچارن جون

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 72)

**من مندر:** مقدس دل

منهنجي من جي مندر جا سپ،
ديپ وسامي آهن ويا!

(ڏيئا ڏات جا: 86)

**من ۾ مير هئڻ:** صاف دل، نيڪ نيت، سادو سو معصوم

واهڻ جو هڪ سادو ماڻهون، جنهن جي دل ۾ مير نہ هو،
شهر جي سياڻن واپارين کان پاڻ ڦرائي وينو آ!

(ڏيئا ڏات جا: 40)

**منهن گهنجائڻ:** پاسيرو ٿي وڃڻ، ڪاوڙجڻ، خفا ٿيڻ

ٿوڙي وينين دل جو ناتو، مون کي تو پر ڪين سڄاتو،
مون کان منهنڙو گهنجائي تو روح چڏيو آ رنجائي!

(ڏيئا ڏات جا:34)

**منهن مقابل:** آمهون سامهون، دو بدو

سچ سوريءَ تان سڏيو، هن دؤر جي منصور کي،
منهن مقابل موت جي، سينا سهائيندا هليا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:88)

**مهڪ:** خوشيءَ وچان پکڙڻ، جوهر ڏيکارڻ، خوشبوءِ ڦهلائڻ.

تون، جو توکي ناهه ڏنو مون، منهنجي دل جي گهرائين ۾،
خوشبوءِ بنجي مهڪين ٿو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 168)

**موجد:** ايجاد ڪندڙ، نوان خيال آڻي پيش ڪندڙ

اسان پنهنجي تخليق جا پاڻ موجد
اسان جا غزل، گيت الهام آهن!

(ڏيئا ذات جا: 118)

**مورخ:** تاريخدان

اوهان جي تاريخ لکجي پئي،
مورخ کان هرگز بچي ڪين سگهندئو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:222)

**مورچو:** لڪڻ جي جاءِ، تاڙ ڪرڻ جو ڪُڏڻو

ها! هلندا هلو تہ ابليس شيطان جي چاڙتن،
ملن، مفتين جي انهيءَ آخري مورچي کي بہ ڍاهي وجهون!

(ڏيئا ذات جا: 84)

**مورک ماڻهون:** چريا، سادا سودا، ابوجهہ، بيوقوف

اڏري آئي دل تي ديوي جنهن جو ڪوئي ديس نہ ويس،
مورک ماڻهون پنهنجو ان سان انگ اڙائي وينو آ!

(ڏيئا ذات جا: 40)

**مورٺون:** بنياد کان، سري کان، ماڳهين

اندر مان نئين آس تي ڪر ڪڍي،
اوهان ڪي روايت نہ مورٺون وئي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:179)

**موڙها:** مُنجهيل، اڻ پڙهيا، ٻوگهلا، ڇٽ، جاهل

انڌا ڇهڙا اڏ ڏي، جهپٽن جهپ هٽن،
موڙها مت ڏين، ڏاهپ گهائي پيڙجي

(ڏيئا ڏات جا: 129)

**موسم تي مستي ڇانئجڻ:** موسم تمام رنگين بنجي پنهنجي جوڀن تي آيل هجي.

ڪيڏو آهي، ڪيف فضا ۾ مند تي مستي ڇانئين آ،
ڇيٽ فضل جي چانڊوڪي، اي دوست! وري اڄ آئي آ!

(ڏيئا ڏات جا:41)

**موضوع:** جنهن شيءِ مطابق لکجي يا ڳالهائجي يا وضاحت ڪجي

شاعري موضوع منهنجو ناهہ هر گز دوستو!
مون حقيقت جي سدائين ترجماني آ ڪئي!

(ڏيئا ڏات جا:43)

**موڳا:** عقل کان عاري، اڏ چريا، بيوقوف، معصوم

ڪرتن ڪاتيا وير، موڳا مت ڏين،
ڪانئر ڪين ڏين، سچ جو ڪڍهين ساٿ ٿا.

(ڏيئا ڏات جا: 129)

**موهوم هستي:** اها شيءِ جيڪا يقينن آهي بہ پر ٻڌائي نہ ٿي سهجي تہ ڇاهي.

تون انسان آهين، خيالي ۾ موهوم هستي "هيولا" تہ ناهي
خدا پاڪ ناهين، فرشتو بہ ناهين!

(ڏيئا ڏات جا:109)

**مھر:** مھرباني، ٻاجھہ، راضپو

ڏات سان گڏ ڪو ڏي ڏجانءِ

ماءُ! تون مون تي مھر ڪجانءَ!

(آجپي جي گيت جھڙي شاعري:167)

**مھرين ھيٺ مٽا:** سنڌ ۾ اڳي سارين ڇڙڻ لاءِ انھن کي اڪرين ۾ وجھي مٽان ڪاٺ جي ٺھيل ءِ يڙي ۾ پٽڻ لڳل مھرين سان ڪٽي جڙيو ويندو ھو.

مھرين ھيٺ مٽا ٽين، اڪرين جيءَ جھرن،

ڌرتيءَ جي دودن، آڻ نہ مڃي ڪڏھن!

(ڏيئا ڏات جا:128)

**مئخانو:** شراب خانو، شراب ملڻ جي جڳھہ، شراب پيئڻ جي جڳھہ

ٿو ھاڻ وڃان ويراني ڏي، مئخاني ۾ پِي روح ڦٽيو

ڪم ظرفن ھٿ پي ڪين ڇڏيو، مئخوار بدلجي آھن ويا!

(ڏيئا ڏات جا: 29)

**مئخوار:** شرابي

ٿو ھاڻ وڃان ويراني ڏي، مئخاني ۾ پِي روح ڦٽيو

ڪم ظرفن ھٿ پي ڪين ڇڏيو، مئخوار بدلجي آھن ويا!

(ڏيئا ڏات جا: 29)

**مياڻ:** حيدرآباد کان 30-35 ميلن تي اتر طرف مياڻي ڪالي پيلو آھي، جتي انگريزن سان جنگ ٿي، جنھن ۾ ھوشو شھيد ٿيو ءِ "مروبسو" جي نعري جنم ورتو.

ھيءَ جڳھہ مياڻيءَ کان گھٽ نہ آ دوستو!

سنڌ جي ھوشن جي آڏو ڪنڌ نوڙائي ڇڏيو!

(آجپي جي گيت جھڙي شاعري:217)

**ميسر:** موجود، پاڻ وٽ هئڻ، حاضر ڪرڻ

ميسر محل وارن کي مسرت جا حقوق آهن،
جهڳين ۾ جهوپڙين وارو تباهين جو شڪار آهي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:125)

**ميريءَ اک سان ڏسڻ:** هڙپ ڪرڻ جي حسان سان ڏسڻ، ڦٻائڻ لاءِ تڪڻ

ميريءَ اک سان پيو ڏسي تو ڏي پليتن جو نسل،
مان بہ تن لئہ باھہ ٻاريان، منهنجي پياري سنڌڙي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 66)

**ناتو:** جوڙ، ميلاپ

اسان فن جو رشتو وطن سان ڳنڍيو،
هي ناتو ڪڏهن پڃي ٽٽي ڪين سگهندو.

(ڏيئا ڏات جا: 118)

**نادان:** بيوقوف، بي عقل

سنڌ ڌرتيءَ جي رڙين، عرشن کي لوڏي آ ڇڏيو.
تون اڃان تائين ستل، نادان پنهنجي شهر ۾،

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 67)

**نازي:** جرمنيءَ ۾ يهودين جي قوم

ڇڏ هٽلر واري پاليسي
هي دؤر نہ آهي نازين جو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 104)

**ناسور:** نہ ڇٽي سگهڻ جهڙو ڦٽ

ان وقت اکين آ رت رنو، جڻ آھہ ڪلي ناسور پيو،
جنهن وقت اسان جو روح سڙيل ڪنهن وڇڙيل کي ساريندو آهي!

(ڏيئا ڏات جا: 28)

**ناشاد:** رنج، غمزده

ڪيستائين زندگي ناشاد رهندي ساٿيو!
ڪيستائين زندگيءَ برباد رهندي ساٿيو!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 117)

**نجات:** ڇوٽڪارو، آزادي.

ڏاهپ ڏوهه آ، زهر نجات،
ارشد بنجي وچ سقراط!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 98)

**نچوئي:** لڳائي، هاري،پيڙي، نپوڙي

ڪجهه نور نچوئي نيڻن جو ڪجهه پنهنجي دل مورت وجهي،
ڏاهپ ۽ فن جي ڏيئي ۾ مون لاٽ اجهائل ٻاري آ!

(ڏيئا ڏات جا:24)

**نرمل:** ٻاجهارو، عزت ماب

جيئن مثال جانب، خدا خوش رکيئي،
ڪٽي نيڻ نرمل نماٽا نهارا!

(ڏيئا ڏات جا: 122)

**نزول:** ڪنهن بئي طرف کان آمد

اڄ جي ڪوتا ناهه نزول،
ڌرتي سوچ ۽ ڌرتي ڏات!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 97)

**نسب:** نسلي لاڳاپو، ذات، قبيلو.

مذهب، قوم ۽ نسل جا ويڇا سڀ وسارا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 203)

**نظربند:** قيد، چوڪسي هيٺ

وري نينهن وارا نظر بند آهن،
وري عشق وارن جي چرپر تي بندش وڌي وئي!

(ڏيئا ڏات جا: 81)

**نظام:** سرشتو طريقئہ ڪار

ڪاڪ ڪي قائم رکڻ جو پورو ڪيو انتظام،
جيئن اونداهين جو اچا بہ رهي نظام!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 214)

**نظامِ زندگي:** حياتيءَ گذارڻ جو طريقو يا رشتو

اڄ تہ بدلايون اي ساٿي! هي نظامِ زندگي،
امن ۽ انصاف، محبت پنهنجا نعرا ٿي ويا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 93)

**نظامِ ظلم:** ڏاڍ ۽ جبر تي مبني سرشتو

هي نظامِ ظلم بت وانگر سڄ بيجان آ،
ريشمي پردن جي وچ ۾ کوکلو ڏسجي پيو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 80)

**نعره تڪبير:** رسالت جي مڃتا ۾ زوردار آواز.

فقط هڪڙي ئي ڌڪي سان ڏڏي ويندي هي ديواريون،
هڻي ڏس تون بہ هيڪر نعره تڪبير اي ساٿي!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 91)

**نمودار:** ظاهر، واضح، چٽو وائکو.

ڪو آهي اسان ۾ جو دنيا مان ظلمت جي پردي کي چيري،
نمودار نورِ سحر کي ڪري!

(ڏيئا ڏات جا:77)

**نقاب:** برقعو، پردو، اوت، اوڍر.

پنهنجي روشن آڱرين سان، رات جي ڏائڻ کان اونداهو نقاب

پٽي هٽائي، سانت چا هي؟!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 156)

**نماڻا:** نهنا، قربائتا، مانيٽا

جيئن شال جانب خدا خوش رکئي،

کٽي نيڻ نرمل نماڻا نهار!

(ڏيئا ڏات جا: 122)

**نگهبان:** نظرداري ڪندڙ، محافظ

اوهين رات جا ئي نگهبان آهيو،

اسين پرهه جا ٽا پيا پيغام ڏيون!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 220)

**ننگري:** وسندي، راڄ جي رهڻ جي جاءِ.

ظلم جي نينگري ناس ڪنداسين، جنهن جا هيٺا پار!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 203)

**ننڊاکڙا:** ننڊ ۽ جاڳ جي وچ واري ڪيفيت

اوپر طرف اپ ڏي ٽڙيا رنگ رتول

تون پي اکڙيون کول، ننڊا کڙا، نينگرا!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:195)

**نوحه خوان:** غم جا گيت ڳائيندڙ

مان اڪيلو ئي لڙڪ ٿو لاڙيان،

ياد تنهن سپني سان لائي!

(ڏيئا ڏات جا:72)

**نوحُ:** ڏک وچان چيل ڪلام

اڄ مان چا لکان، گيت ياق دوھو لکان،

مرثيو، نوحو لکان يا اڄوڪيءَ ڪرب تي ڪيڏارو لکان!

(ڏيئا ڏات جا:80)

**نورسحر:** صبح جو روشن سج نڪرڻ وقت نظارو

ڪو آهي اسان ۾ جو دنيا مان ظلمت جي پردي کي چيري،

نمودار نورِ سحر کي ڪري،

(ڏيئا ڏات جا: 77)

**نوڙائي سگھڻ:** جھڪائي سگھڻ، بي همت بنائي سگھڻ، شڪست قبول ڪرائي سگھڻ.

سنڌ جو شاعر ڪڏهن مايوس هرگز ناهي ٿيو،

حالتن جو نوڙ ان کي ڪين نوڙائي سگھيو!

(ڏيئا ڏات جا:119)

**نوڙ:** سَگھورسو(جنهن سان قيدي کي مضبوطيءَ سان قابو ڪري سگھبو آهي)

سنڌ جو شاعر ڪڏهن مايوس هرگز ناهہ ٿيو،

حالتن جو نوڙ ان کي ڪين نوڙائي سگھيو!

(ڏيئا ڏات جا: 119)

**نوع انسان:** هر هڪ ماڻهون(سواءِ قوم، وطن ۽ مهبي تشخصن جي)

هي بکون افلاس، غربت ۽ جهالت پيو ڏسين،

نوعِ انسانيءَ جي بربادِيءَ جي حالت پيو ڏسين!

(آجپي جي گيت جهڙ شاعري:138)

**نوڪدار:** ڦاسيءَ جي چوٽي

آهہ نوڪ دار کي اڄ سرمدن جو انتظار،

اڄ وري منصور کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ٿو وڃي!

(ڏيئا ڏات جا:119)

**نهوڙڻ:** تباهہ ڪرڻ، الٽ پلٽ ڪري ڇڏڻ.

قوهہ جواني نينهن نهوڙي جيا پوجنجل بنجي ويو
جنهن کي گهايو گهور اوهان جي، جانب! توري ڪيئن جئي!

(ڏيئا ڏات جا:231)

**نيڪيٽي:** نئين شادي ڪري نوار کي گهٽ جي گهر وٺي وڃبو ۽ ٽئين ڏينهن تي وري انهن ٻنهين کي ڪنوار جي مائٽن ڏي وٺي وڃي اتي رات رهبو آهي، ان کي نيڪيٽي چئبو آهي.

"۽ مٽيءَ مٽيءَ سان نيڪيٽيءَ ڪئي هئي، ان ڏينهن ئي روح منهنجي
فقط روح تنهنجي سان لائون لڌيون هون!

(ڏيئا ڏات جا: 114)

**نيئڙ:** زنجير يا قيد، قابو رکندڙ شيئي

اج تہ آهي زندگيءَ جڪڙيل رنجينر جي اندر،
نيٺ هيءَ زنجير ٽٽندي، نئير لهندا دوستو!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري:116)

**واڌايون:** مبارڪون، خوشحاليون، سرمايون، خوشيءَ جا اظهار

وري اج واڌائيون، صبا آنديون ساڻ،
ٿڌڙي ٿڌڙي هير مان اچي سندس سرهاڻ،
الله سڄڻ آڻ تہ راحت رسي روح کي!

(ڏيئا ڏات جا: 134)

**وارڻ:** قربان ڪرڻ

اي دوست، وطن جي ذرتيءَ سان،
مون پنهنجو سرڙو واريو آهي،
جو ڪجهہ بہ هيو سو پيش ڪري،
مون ويرين کي للڪاريو آ!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 82)

**واري:** متيءَ جو قسم جيڪا تمام گهڻو ٽپندي آهي

جيون جي اڻانگهين راهن تي، اي راهه مسافر! ڇا تون نه ڀُول
هر وک تي ڏک جو ڏونگر آهي، ڏرتي ٽامون واري آ!

(ڏيئا ڏات جا: 24)

**واريان:** قربان ڪريان، گهوريان

سنڌڙي، او جندڙي! قربان تنهنجي ناءَ تان،
توتي سرُ ۽ ساهه واريان منهنجي پاري سنڌڙي!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:66)

**وارڪري:** هٿيار هلائڻ

جڏهن وار ڌرتيءَ تي پر هارڪن ٿا!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري: 128)

**واعظانِ شهر:** شهر جو مولوي، واعظ ۽ تبليغ ڪندڙ علماءَ

واعظانِ شهر جا ڏنڏا پڇين ٿو اي دوست!
ريشمي ڦاسيءَ جا آيا، اڄ ڪيٽي ڦندا اي دوست!

(آچپي جي گيت جهڙي شاعري:122)

**واهڻ:** ننڍڙو ڳوٺڙو، ڀراڙي

واهڻ جو هڪ سادو ماڻهون، جنهن جي دل ۾ مير نه آ،
شهر جي سياڻن واپارين کان، پاڻ ڦرائي ويٺو آ!

(ڏيئا ڏات جا: 40)

**وٽ ترازي جي تور:** هڪ مقرره ماپي تحت توڙڻ يا اگهه ڪٿڻ يا معيار معلوم ڪرڻ

وٽ ترازيءَ جي هر هڪ تور کان،
اڄ جي سنڌي شاعريءَ جو ويو وزن آ وڏي،

(ڏيئا ڏات جا:96)

**وحدت:** هيڪڙائي

منهنجي وحد منجهہ ڪثرت جي رنگن جو امتزاج،
مان دنيا لئہ ويد ۽ قرآن جو سنديش هان!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 190)

**وحشي:** اڻ سڌريل، غير مهذب، درندہ صفت، جانورن جهڙا

دوستو! هن دؤر جا وحشي ۽ قاتل خونخوار
آمريت جا محافظ، اڄ ڪٺي آيا ڪٽار!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 117)

**وڏائي:** ڦُنڊ، شوبازي، اجايو فخر

هستي مستي آهہ اجائي هتي ٿيندو نيٺ وجود،
باغ ۽ بنگلا، محل ۽ ماڙيون، هٺ وڏائي آ بيسود!

(ڏيئا ڏات جا: 135)

**ورد:** ياد، ورجاءُ، دهراءَ

ورد ۽ منهنجو وظيفو، سنڌ جو نالو عظيم،
ورز شب ويٺو پوڪاريان منهنجي پياري سنڌڙي!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 66)

**ورق پلٽائڻ:** ماضيءَ کي دهرائڻ، گذريل يادون ورجائڻ

اڄ وري تاريخ پنهنجا ورق پلٽائي پئي،
وقت جي سقراط کي اڄ ذهر پياريو ٿو وڃي!

(ڏيئا ڏات جا: 119)

**وستي:** وسندي، ماڻهن جي رهڻ جو علائقو

درد جي وستي ۾ ڳالهيون درد جون ٿي ڇيڙجن،
ظلم جا، انياءَ جا عنوان پنهنجي شهر ۾!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 69)

**وستي وستي:** هر وستي جي وسونءَ ۾، ننگر ننگر، هنڌ هنڌ

جنم جنم جو جوڳي بنجي وستي وستيءَ سئين هنيم،
تارن ۾ مون توکي ڳولي تنهنو پنڌ پڇايو آهي!

(ڏيئا ڏات جا:39)

**وظيفو:** قرآني آيتن جو ورجاءُ، معاوضو

ورد ۾ منهنجو وظيفو سنڌ جو نالو عظيم
روز و شب وينو پوڪاريان منهنجي شرعي سنڌڙي!

(آچپي جي گيتن جهڙي شاعري: 66)

**وفا جي تار ڇنڻ:** بيوفا ٿيڻ

هرڻيءَ جهڙي ڇوريءَ ڏيئي چال وف اجي تار ڇني،
موڳا ڇورا تہ بہ تون دل ۾ درد انهيءَ جو ڏارين ٿو!

(ڏيئا ڏات جا: 38)

**وفاکي نڪاڻي لڳائي ڇڏڻ:** وفا جو ڀرم رکڻ، وفاداري بحال رکڻ

اڏيءَ تي رکي سر ڪٽائي ڇڏيم،
وفا کي نڪاڻي لڳائي ڇڏينم!

(ڏيئا ڏات جا:45

**ولولو:** اٿل پٿل، ڪوج

نئون ذهن، نئين سوچ، نئون ولولو
پراڻي سرشتي کي ڊاهي ڇڏيان.

(آچپي جي گيتن جهڙي شاعري: 75)

**ونجارو:** موتيءَ جي جاڻ رکندڙ ۽ موتي وڪندڙ

پٿر جو هٽ واپار هليو ۽ موتين کي هٿ ماڻ نہ مليو،
چپ چاپ هليو ويو ونجارو، موتين کي ورهائي ڪين سگهيو!

(ڏيئا ڏات جا: 27)

**ونجهہ ٽٽل:** اهو لڪڙو جيڪو درياهہ ۾ ڪوڙي ٻيڙيءَ ڪي ڏڪي ملائبو آهي، ان پڳل هئڻ، معنيٰ خطري واري صورتحال سان دوچار ٿيڻ.

رات انڌيري، واءُ اٽائو ڪُني ۾ ڪشتي، ونجهہ ٽٽل،
ٻڏندي، ترندي پنهنجو ٻيڙو پار لڳائي ويندس مان!

(ڏيئا ڏات جا:25)

**وڪريل ويچار:** ٽڙيل پکڙيل سوچون

ڏرتي منهنجي محورتي سوچ سميٽي پنهنجي مون،
توڏي موٽي آيو لهريون، منهنجي وڪريل ويچارن جون!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 72)

**وهہ:** زهر

”سچي سونهن سورتيءَ تي پسان ٿو
تڏهن مان مٽيءَ جا پيالا پيجي،
زماني جي سقراط سانن وهہ پيان ٿو!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري:)

**وياڪل:** اُپاٽڪو، مايوس، بيگانو

هيڪل هيڪل، وياڪل وياڪل، ڏينهن سجو ڪنهن گوتم وانگر،
ڪاڏي هينان هٿ رکي سوچ ۾ آهين گم ٿي ويندو!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 252)

**ويٽنام:** اهو ايشيائي ملڪ جنهن ڪي هوچي منهہ امريڪي قبضي مان آزاد ڪرايو.

ڪمبوڊيا ۽ ويٽنام، گوءِ ڪٽي ويا گيسرا،
غيرن جي غلام اجان بہ اسان جي سنڌڙيءَ!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 195)

**ويچار:** سوچون، ارادا

ديوانن جي ڪوٺ نہ هئي، پر پرک ۾ دعوا پڌري ٿي،
زنجير ڏسي شهزاد جا، ويچار بدلجي آهن ويا!

(ڏيئا ڏات جا: 29)

**ويڇا:** وٿيون، وڇوٽيون، بغاوت

مذهب، حالت، قوم، نسل جا ويڇا سڀ وسار!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 203)

**ويد:** سنڌ سنڌو ڪناري ڪليل ڀريان تحقيقاتي پستڪ، جن کي گويد چئبو آهي

منهنجي وحد منهنجي ڪثرت جي رنگن جو امتزاج
مان دنيا لئہ ويد ۽ قرآن جو سنديش هان!

(آجپي جي گيت جهڙي شاعري: 190)

**وير:** سوڍا، راٺا، بانڪا

ملان مفتي وڏيرا، پير اوساٽي،
ڇڏيا پيڙي انهن ڪيئي وطن جا وير اي ساٿي!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 91)

**وير:** ڇولي

طوفان اوڪاري آيا سي بس ڄاڻ سياسي ڪنڌيءَ تي،
هروير مان ارشد واٽ ڪڍي، مون پنهنجو ٻيڙو تاريو آ،

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 89)

**ويري:** دشمن، انتقام وٺندڙ، وير وٺندڙ

سنڌ جا ويريو، اسان کي ڇيڙيو ڇالاءِ ٿا؟
سر ڏيڻ جو سُنهن ڪيو آهي، اسان، صدقي وڃان!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 65)

**ويڳاڻو:** مايوس، اُداس

عمر سڄي هي روح اڪيلو ويڳاڻو ٿي پٽڪي هان
ڪين ملن هان مون سان جي تو جهرا تو پاران ماڻهون!

(ڏيئا ڏات جا: 31)

**هانءُ نہ هارڻ:** مايوس نہ ٿيڻ، نااميد نہ ٿيڻ

هن پيريءَ ۾ تو ڏک ڏنا،
پر هانءُ نہ پنهنجو هاريو آ!

(آچپي جي گيتن جهڙي شاعري: 163)

**هٽي وڃ:** واپس هليو وڃ، رنڊڪ دور ڪر،

وڃهي گهنڊ منهن ۾ تون گهوري نہ ڏس،
هٽي وڃ، هٽي وڃ، خدارا هٽي وڃ!

(ڏيئا ڏات جا: 124)

**هٺ:** وڏائيءَ، مغرور، ڦونڊ، اجايو فخر.

هستي، مستي آهہ اجائي هٽي ٿيندو نيٺ وجود،
باغ ۽ بنگلا، محل ۽ ماڙيون، هٺ وڏائي آ بيسود!

(ڏيئا ڏات جا 136)

**هرڻ:** اهو جهنگلي جانور جيڪو رڃ کي پري کان ٿيندڙ اولڙي کي پاڻ سمجهي ان پيئيان ڊوڙندو آهي، پر ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو اٿس.

نہ تون رڃ آهين نہ مان هان هرڻ،
جو تون اڃ منهنجي نہ لاهي سگهين!

(ڏيئا ڏات جا:110)

**هرڻ جهڙا ڇال:** جهنگ ۾ هرڻي هر کڙڪي کان خوف کائيندي، ڇرڪندي ۽ ٽهندي وڏا وڏا ٽپا ڏيندي ڀڄندي آهي، جيڪو عمل کيس وڏيڪ سهڻو ڪندو آهي.

هرڻيءَ جهڙي ڇوريءَ ڏيئي ڇال وفا جي تار ڇنا،
موڳا ڇورا! تہ بہ تون دل ۾ درد انهيءَ لئہ ڏارين ٿو!

(ڏيئا ڏات جا: 38)

**هستي:** حيثيت وارو، ملڪيت وارو، وڏو ماڻهو

هيءَ ڪاڻ نہ آ ڪنهن هستي جي،
هيءَ مانءَ آ سنڌ جي مٽيءَ جو!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 162)

**هلاڪو:** اهو ظالم بادشاھ جنهن سنڌ جي حالت تهس نس ڪري ڇڏي ۽ ظلم جو اهڃاڻ بنجي ويو.

چنگيز، هلاڪو، هٽلر ۽ ايوب جو ڇا انجا ٿيو،
تاريخ ۾ پنهنجي حشرت تي تون ڀي سوچيو آ نہ ويچاريو آ!

(آجپي جي گيتن جهڙي شاعري: 68)

**هم دم:** ساڳئي خيال وارو

مليو جيڪڏهن ڪو بہ همدم اسان سان،
پري ڪان ئي گونگا اشارا ڪياسين!

(ڏيئا ڏات جا: 117)

**هماليہ:** اهو وڏو جبل جنهن تان برف ڳري هانسرو ور ڍنڍ رستي سنڌو نديءَ ۾ پوندي پاڻيءَ جي صورت ۾ وهندي آهي.

وري هر قدم تي هماليہ نهيل، زمانو ائين ئي ٿو سمجهي شايد
محبت جي راهن ۾ هي بند ناهي، محبت جي رفتار روڪي ڇڏيندو!

(ڏيئا ڏات جا: 82)

هم غم: غمن ۾ سورن جو ساٿي، ڏک ڀائي، منهنجي ڏک کي پنهنجو سمجهندڙ.

سور دل جو سليان تہ ڪنهن سان سليان،
حال دل جو ڏيان تہ ڪنهن کي ڏيان.
ناھ منهنجو هتي ڪو هم غم،
فقط تون تہ يار غار هئين، جيڪو تنها ڇڏي ويو آهين!

(ڏيئا ڏات جا:99)

**همڪنار:** پاڻ سان گڏ، ڏک سور جو حال پائي

هجر تنهنجي جو زهر پي چڏيان،
دل کي خوشين سان همڪنار ڪريا!

(**ڏيئا ڏات جا**:100)

**هم نشين:** ساٿي، همراهه

هم نشينو! وقت نازڪ ٿو وٺي اڄ امتحان،
سر آڏيءَ تي ئي رکي ڏڙ ڪان ڪٽائيندا هلو!

(**آچپي جي گيتن جهڙي شاعري**: 88)

**هنجڙيون هارڻ:** زاروقطار روئڻ

وينو تنهنجي واٽ نهاريان، توکي ساريان هنجڙيون هاريان
هاءِ، اڃان پيي، ڪين تون آئين!

(**ڏيئا ڏات جا**: 101)

**هڻ ڪڻ:** ٿر جي بلا جيڪا ننڍ ستل ماڻهون کي نڪ ۾ وات ۾ ساهه کڻڻ رستي زهر ڦوڪي ويندي آهي ۽ اڪثر ڪري ماڻهون مري ويندا آهن.

گيت رُلي ويا، تار ٽٽي پئي، گهٽجي ويا سڀ اڏما، اُمنگ
هاءِ حياتي هڻ ڪڻ کان پيي، منهنجا زهريلا ڏنگ!

(**ڏيئا ڏات جا**: 135)

**هٽلر:** جرمني جو اُهو سربراهه جنهن دنيا فتح ڪرڻ جو سوچيو ۽ ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ روس کان شڪست کائي خودڪشي ڪري ڇڏيائين.

چنگزي، هلاڪو، هٽلر ۽ ايوب جو ڇا انجام ٿيو؟
تاريخ ۾ پنهنجي حشر تي تون ڀي سوچيو آ نه ويچاريو آ!

(**آچپي جي گيتن جهڙي شاعري**: 68)

**هجر:** جدائي

هجر تنهنجيءَ جو زهر پي چڙيان،

دل کي خوشين سان همڪنار ڪري!

(ڏيئا ڏات جا: 100)

**هڪ ٽڪ نهارڻ:** لڳاتار گهوري ڏسڻ

۽ شرمنده نظرن سان مون ڏانهن،

هڪ ٽڪ نهاري!

(ڏيئا ڏات جا: 112)

**هوڏ:** چئلينج، ساهڙ، ضد ۾ اچي وڃڻ.

يا زور ۽ حيلو، هوڏ هلاءِ،

گهاٽي اندر چيڙي چڏ!

(ڏيئا ڏات جا: 60)

(جا: 109)

**هير:** هونئن تہ ٿڌيءَ هوا کي بہ هير چئبو آهي، پر هتي هير رانجهي واري ڪلاسيڪي داستان جي هيروئن هئڻ واري هير لاءِ ڪم آيل آهي.

روپ ننگر ۾ هال وفا جو سوچي سمجهي پيار ڪجهو

اڄ جو رانجهو وهہ جو پيالو پئي ٿو پنهنجي هير هٿان!

(ڏيئا ڏات جا: 30)

**هيرو:** اهو موتي جيڪو تمام مهانگو ٿيندو آهي، ان سان شيشي جهڙي ٽاڪئينءَ مشين کي بہ حصن ۾ ورهائي سگهبو آهي.

ارشد صاحب ڪهڙي غم ۾ هانءُ تون پنهنجو هارين ٿو،

هيري جهڙِ پنهنجي دل کي ڳٽين ۾ ڇو ڳارين ٿو؟

(ڏيئا ڏات جا: 38)

**هيولا:** انگريزيءَ جو لفظ آهي، خدائي تخليق جو ڇيد ڪندي ڪندي اهڙي نڪتي تي پهچجي جنهن کان پوءِ ان جي ڇيد ڇاهه ممڪن نه ٿئي پر اها شيءِ زندگي جي واڌ ويجهه جو باعث سمجهجي ان کي هيولا چئبو آهي.

تون انسان آهين،

خيالي ۽ هو هوم هستي"هيولا" به ناهي!
خدا پاڪ ناهين! فرشتو به ناهين!

(ڏيئا ڏات

**هيٺاپار:** ڪمزور صفن وارو ماڻهون، ڪمزور حيثيتون

ظلم جي نينگري ناس ڪنداسين،
هيٺا جنهن جا پار!

(آچپي جي گيتن جهڙي شاعري: 203)

**يزيد:** ڪربلا جي ميدان ۾ امام حسين عليه اسلام ۽ سندس ساٿين کي شهيد ڪرائيندڙ.

يا مزدورن جي هيٺي حال تي ٿو ڳوڙها وهايان مان،
يزيد وقت جي بعيت ڪريان مان دوستو! ساٿيو!

(آچپي جي گيتن جهڙي شاعري: 126)